تو تہ چيو هو ...



تو تہ چيو هو
"منهنجي تصوير جي جاءِ تي
ڪا ٻي تصوير اچي ويندئي!"
سوچيان ٿو تہ
پوءِ بہ هي فريم
اڃان ڇو خالي پيو آ؟

ظفر عباسي

تو
ئي
چيو
هو...

شاعري

(غزل ۽ ترائيل)

ظفر عباسي

حق ۽ واسطا پبلشر وٽ هٿيڪا

ڪتاب جو نالو : تو تہ ڇيو هو...
شاعر : ظفر عباسي
صنف / موضوع : شاعري (غزل ۽ ترائيل)
ڇاپو :پهريون
سال :2006ع
ڪمپوزنگ : اي اي خاصخيلي
لي آئوٽ ۽ ڊزائننگ : شهباز علي ميمڻ
ٽائيٽل :اين ٽي ايف گرافڪس
ڇپيندڙ :وينس پرنٽنگ پريس ڪوڪر محلو حيدرآباد
ڇپائيندڙ :نيو ٿنڪرس فورم
D-4/20 نسيم نگر فيز IIIحيدرآباد. سنڌ
فون: 0300-3094527

ملهہ : 80 رپيا

TTO TTU CHUYO HO...
[A Collection of Poetry/ Verse in Sindhi Language]
Written by:ZAFAR ABBASI
Published by: New Thinkers Forum
D-4/20 Naseem Nagar Phase III Qasimabad
Hyderabad Sindh Pakistan
Year of Publication:2006
Price per copy Rs:80/-
All Rights Reserved.

سِيٽاءُ

روشنيءَ جو راهي ظفر (مهگ)	تاج جويو	6
ڪلهه، اڄ ۽ سياڻي جي شاعري	وشال امير	10
مجتا	تسليم سحر	14
آئيڊيل ليکڪ آئيڊيل ماڻهو	نسرين سيد	16
ليکڪ، فن ۽ شخصيت (تاثر، رايا ۽ ويچار)	نصير مرزا	21
	وفا مولابخش قمبراڻي	22
	مهڪ جوڳي	23
ڪيفيتن جي شاعري (شاعر يارن)	ظفر عباسي	24
غزل		26

پبلشر پاران:

ظفر عباسيءَ ڪهاڻين لکڻ سان سنڌي ادب ۾ ڀرپور وک کنئي 1979ع ۾ هن جو پهريون ڪهاڻين جو مجموعو "گهرا گهرا گهاءَ" شايع ٿيو. 1981ع ۾ هن جو ٻارڙن لاءِ ڪهاڻين جو مجموعو"تارا تارن هيٺ" شايع ٿيو ۽ 1982ع ۾ هن جي ڪهاڻين جو نيون مجموعو "سوال ڇهرا جواب ڇهراءَ شايع ٿيو. ائين هن سنڌي ٻوليءَ جو يگانو ڪهاڻيڪار جي حيثيت ماڻي ورتي، جنهن جا ٽين ايج ۾ ٽي ڪهاڻين جا مجموعا شايع ٿي چڪا هجن. 1983ع، 1984ع ۽ 1985ع جا ٽي سال هن شاعريءَ کي ارپيا ۽ انهن ٽن سالن ۾ هن الائي ڪيتري شاعري ڪئي، جنم ڀوميءَ کان جدائي ان جو سبب هئي يا لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو جون هوائون يا اجان ڪو ٻيو سبب هو؟ تنهن لاءِ ته هو پاڻ ئي ٻڌائي سگهي ٿو پر هن جا ان دور ۾ سنڌي ادبي سنگت ڪنڊيارو پاران ٻه شاعريءَ جا ڳٽڪا ڪتابڃن جي صورت ۾ ڇپرا ٿيا. جن مان هڪ ۾ غزل ۽ ترائيل ۽ ٻئي ۾ ٻين صنفن تي شاعري شامل هئي. شاعريءَ جي انهن ٻنهي مجموعن جا گڏيل مهاڳ ان دور ۾ ئي تاج جويو ۽ وسيم سومرو لکيا هئا ۽ پوءِ ظفر عباسيءَ جو ڪيريئر هڪ ڊاڪٽر جي صورت ۾ ڇپرو ٿيو، جنهن کانپوءِ هو سنڌ ۾ صحافيءَ ناتي سڃاڻپ لڳو. ويهن سالن جي طويل خاموشيءَ کانپوءِ جڏهن هن جي نئين شاعري منظر تي آئي ته لڳو ٿي نه ٿي ته هن جي لکڻين جي درميان ڪا ويهن سالن جي وٿي آئي به هئي! جنهن جو سبب شايد هن جو مطالعي کان نه ڪٽجڻ ئي هوندو.

هتي اسان ظفر عباسيءَ جي ان ويهه سال اڳ جي شاعريءَ مان غزل ۽ ترائيلن جو مجموعو ڇپرو ڪري رهيا آهيون. جيڪڏهن ان ڪتاب کي اوهان وٽان بهتر موٽ ملي ته سنڌس باقي ٻين صنفن تي شاعريءَ جو ٻيو مجموعو ۽ ان کانپوءِ سنڌس تازي شاعريءَ جو مجموعو به ضرور اوهان جي هٿن/ نيڻن تائين رسائيندا سين.

اوهان جا رايا ۽ ويچار ظفر ۽ اسان جي رهنمائي ڪندا رهندا.

-پبلشر

ارپنا

1983ع

۽

1986ع

جي

قومي تشخص جي تحريڪن ۾

شهيد ٿيل

سنڌي ماڻهن

جي نالي.

88-5- 5 ظفر عباسي

مهاڳ

روشنيءَ جو راهي: ظفر

وسڪاري ڪانپوءِ جيئن ٽر ۾ ڪنييون ايري اينديون آهن، اهڙي طرح اڄڪلهه سنڌ ۾ نوجوان شاعر پڻ ”ڪنيين“ وانگر اسري ۽ ايري آيا آهن. انهن شاعرن مان تمام ٿورڙن ڳنڀير ۽ سگهاري سوچ واري شاعر ڪئي آهي، نه ته اڪثر روايتي لفظي بازيگري ڪندي نظر ايندا آهن. ڪي پنهنجي شاعريءَ جي شروعات، نثري نظمن ۽ نظماڻي نثر سان ڪندا آهن، ته ڪي وري ٽيڙن (هائيڪن) سان پنهنجي سڃاڻپ ڪرائيندا آهن. اهڙن شاعرن مان ڪيترن کي ته اها ئي خبر نه هوندي آهي ته هي جن شعري صنفن تي طبع آزمائي ڪري رهيا آهن، انهن جو اصل نسل ۽ پس منظر ڪهڙو آهي؟

ڪجهه وقت اڳ، اهڙي ئي هڪ نوجوان شاعر جا ٽيڙو ڪنهن اخبار ۾ هن ريت ڇپيل ڏنا هئم:

ايڪ ڏون ڏون،
هن سڄي دنيا ۾،
يار منهنجون تون!

ٻه ڏون چار،
توکي ساري ساهه،
اچ منهنجا يار!

۽ پوءِ هڪ ڏينهن ان شاعر سان هڪ ٻئي شاعر دوست (عابد مظهر) کي هن نموني گفتگو ڪندي ڏٺو هئم:

”...... يار! شاعري هلي پئي؟“
”ها، زور شور سان.“
”يلا، ٻڪي جو ڪوڙو پورو ٿيو يا نه؟“ (ٽهڪڙا)

اهڙا ”ٻڪي جا ڪوڙا“ لکندڙ شاعر ڪوڙ ملندا، جن کي شعر جي فارم جي ته ڄاڻ ڪٿي هوندي آهي پر شعري صنف جي مزاج کان بنهه ڪورا هوندا آهن. منهنجو دوست ۽ نوجوان شاعر ظفر عباسي، اهڙن شاعرن مان نه آهي. هي

تو ته ڇيو هو...

هرويرو لئيءَ مان لٽ پڇي شاعري نٿو ڪري ۽ نه ئي هر نئين شاعر وانگر هن به شاعريءَ جي شروعات "نثري نظمن" يا "ٽيڙن" سان ڪئي آهي. اها جدا ڳالهه آهي ته ظفر بحر، وزن ۽ ڇند وغيره کان ڪناراڪش آهي پر جنهن جذبي ۽ خيال جي اصليت ۽ سچائيءَ جي ضرورت هوندي آهي، اها ظفر وٽ موجود آهي.

ظفر عباسي، عمر ۾ مون کان ڏهه بهارون ننڍو آهي پر ننڍي وهيءَ ۾ ئي ڏاڍو سرگرم ۽ جذبي وارو نوجوان آهي. ظفر هڪ ئي وقت "بارن جي محفل" ضلعي نواب شاهه جو آرگنائيزر، "چٽنگ سنگت" تعلقي ڪنڊياري جو آرگنائيزر، "ينگ رائيٽرس گلڊ" جو جنرل سيڪريٽري به رهيو آهي. ان ڪانسواءِ هي ساهتي پبليڪيشن ڪنڊياري جو باني به رهيو آهي. ادب سان چاهه هن جي رڳ رڳ ۾ سمايل آهي.

ظفر عباسي، ادبي دنيا ۾ ڪهاڻين جي حوالي سان پير رکيو هو ۽ سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو "گهرا گهرا گهاءَ" 1979ع ۾ (جڏهن هن جي عمر 15 سال هئي) ڇپيو هو. ان ڪانسواءِ هن جي ڪهاڻين جا ٻيا ڪتاب "تارا تارن هيٺ" (بارن جون ڪهاڻيون) ۽ "سوال ڇهرا جراب ڇهرا" پڻ شايع ٿي چڪا آهن. هن جون ڪهاڻيون اسان جي بحث هيٺ ڪو نه آهن، پر اسان هن جي شاعريءَ جو ڳوڙهو اڀياس ڪنداسون ته معلوم ٿيندو ته ظفر جي شاعريءَ تي هن جي شخصي زندگيءَ جو گهرو اثر موجود آهي.

ظفر، لڄارو پر ڪلٽو ملٽو نوجوان آهي. ڪجهه وقت اڳ هن تي خبر ناهي ڪهڙو دورو اچي پيو هو، سنگت ساٿ کان ڪٽجي پنهنجي ڪٽيا ۾ اڪيلو "قلم، ڪاڳر ۽ ظفر"، ٽيڙو ٻڌيو ويٺو هوندو هو. هر شخص جيان هن جي زندگيءَ ۾ پڻ هڪ حساس ۽ لطيف جذبات سان ڀرپور دور آيو، جنهن ۾ هن جو رومان اسريو ۽ نسريو. هن ئي دور هن جي نازڪ جذبن کي اظهار ڏنو ۽ هن جي اندر ۾ لڪل شاعر اڀري ۽ نکري نروار ٿيو.

ظفر جي شاعريءَ جو وڏو حصو "ترائيل آهن، جيڪي هن ڀارت جي مشهور شاعر هريڪانت کان متاثر ٿي چيا آهن. هريڪانت جي ترائيلن جو مجموعو "پرهه کان پهريائين" 1961ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو هو ۽ يڪ ئي يڪ سنڌي شاعريءَ ۾ ترائيلن جو اهو پهريون مجموعو آهي. هريڪانت وانگر ظفر عباسي جي به ادبي زندگيءَ جي شروعات پڻ ڪهاڻين سان ٿي آهي، پر اوچتو هن جو شاعر جي روپ ۾ اڀري اچڻ ڇرڪائيندڙ ڳالهه آهي.

ظفر جي شاعريءَ جو مطالعو واضح ٿو ڪري ته ظفر نه رڳو جديد سنڌي شاعريءَ جو سنو اڀياس ڪيو آهي پر مشاهدي ۽ تجربي جي آڌار تي

تو نه ڇيو هو...

پنهنجي شاعريءَ کي رچيو اٿس. هن جي شعرن ۾ مصنوعي جوڙجڪ ۽ اڌارا خيال نہ آهن. هن جو ڪجهہ لکيو آهي، اُن جي پيڙا پهرين پوڄي چڪو آهي ۽ پوءِ اُن پوڄنا کي شعرن جي روپ ۾ اسان جي اڳيان آڻي آيو آهي.

هاڻ تہ جانان! تون پي مون ڪان ڏور هلي وئي آهين،
هاڻ تہ جانان! شهر هي تنهنجو غير لڳي ٿو ڄڻ تہ!
پنهنجي گهر جو در نہ لڌو مون، جيئن رسي وئي آهين،
ماڻهوءَ ماڻهوءَ من ۾ سانئڻ! مير لڳي ٿو ڄڻ تہ!

ظفر وٽ اظهار جو سادو سودو طريقو آهي، لفظ سادا، جذبا سادا، شعر جو گهاڙيٽو ۽ سوچ بہ سادي، ڀراڙيءَ جي سنڌي ماڻهوءَ جهڙي!

تون جو ناهين تہ هي من-پوڄنائون،
پير جي ڪنڊي جيان چڀن پيون ٿيون!
هيرون بہ لڳن ٿيون لڪون، گرم هوائون،
تون جو ناهين تہ هي من- پوڄنائون!

☆☆☆

جڳن ڪانپوءِ اتفاق سان ملي جو ويا آهيون،
چانهہ جو ڪوپ گڏجي پي، ياد ڪا تازي ڪريون!
ڏکن سکن جو حال دل، هڪ ٻئي کي ڏيون،
جڳن ڪانپوءِ اتفاق سان ملي جو ويا آهيون!

ظفر، جديد شاعريءَ جي خوبين ڪان بہ واقف آهي ۽ هن جي شاعريءَ ۾ اهي خوبيون موجود آهن. هن ڪيترا نوان مرڪب لفظ، تشبيهون ۽ اصطلاح جوڙي، نہ رڳو پنهنجي شعر کي خوبصورت بڻايو آهي پر ٻوليءَ جي دامن کي پڻ چمڪايو آهي.

مثال طور:

جاني! هاڻي منهنجي آڏو، لڙڪ نہ لاڙيندو ڪر،
منهنجا تو لئہ گل گلابي بڻيا "چپ - رومال!"

☆☆☆

آشائون هي بادل بڻجي "جند- اڱڻ" تي برسيون،
جذبا "من جي نوٽ زمين" تي، اپريا ڪنيين وانگيان!

☆☆☆

"جذبن جو ڪتاب" ۽ "لڙڪن جو ديوان" تو کوليان،
دل مضبوط ڪري ويهہ جاني! مان تو گيت چوان!

☆☆☆

دل تي ڇنئي تہ "پيگ-چپن" جا اڄ ٺڪرايون!
"من آڳنڌ" تي پريم جو ٻوٽو ڪوئي پوکيون.

"چپ رومال"، "جند - اگڙ"، "جذبن جو ڪتاب"، "لڙڪن جو ديوان"، "چپن جا پيگ" ۽ "من آڳنڌ" جھڙا خوبصورت مرڪب لفظ. تشبيھون ۽ اصطلاح پيش ڪري ظفر واقعي ڪمال ڪيو آھي.

ظفر رڳو "ترائيل" نہ چيا آھن، ھن غزل، آزاد نظم، نظم، بيت، دوھا ۽ وايون بہ چيون آھن پر جيڪا پختگي ھن جي ترائيلن ۾ آھي، سا بين صنفن ۾ گھٽ آھي، البت نظم، آزاد نظم ۽ غزل چڱا لکيا اٿس.

ظفر جي ڪيترن شعرن ۾ مايوسيءَ جو عنصر ۽ زندگيءَ کان بيزاريءَ جو تاثر بہ ملي ٿو پر متس اھا ڪيفيت ھميشہ طاري نہ ٿي رھي. ڪٿي ڪٿي ھن مايوسيءَ جي ڀاٽ اونداھہ مان نڪري روشنيءَ طرف نہ رڳو سفر ڪيو آھي پر "روشن منزل" ماڻڻ جو يقين بہ ڏيکاريو آھي. جيئن ھن شعر مان ظاھر آھي،

ڪو مجي نہ مجي، روشني نيٺ ٿيڻي آ،
ڏات ۽ ڏانءَ جو سنگُ، رنگ نيٺ لائيندو!

ظفر، غزل ۾ نئون رنگ پرڻ جي ڪوشش ڪئي آھي ۽ ڪٿي ڪٿي ڪامياب بہ ويو آھي. ڪٿي ڪٿي ڇرڪائي بہ وجھي ٿو.

فائرنگ بند ڪيو،
سڏڪو ٻڌڻ ڏيو!

تارا! اوڏر تي،
ڇو پيا ٽمڪو!؟

چاھت جي حد خودڪشي آ،
پوءِ بہ پاڻ جياري ڇڏيم!

ھيءَ ٽاميءَ جھڙي پونءِ ٽتل،
مون پنھنجي رت سان ٺاري آ.

جيڪو جيون خالي کوکو،
ان جيون کي باھہ لڳاءِ!

1988 .08 .18/تاج جويو
ليڪچرر، گورنمينٽ ڪاليج مٺي.

ڪلهه، اڄ ۽ سپيائي جي شاعري

"صائب" دو چيزمي شڪند حسن شعر را.
تحسين ناشناس وسڪوت سخت شناس.

هن فارسي شعر جو خالق صائب ڪهڙي دور سان تعلق رکي ٿو؟ اها ڄاڻ مون کي ناهي. نه ئي اهو ڄاڻان ٿو ته هن جي فارسي شاعرن واري فهرست ۾ مولانا رومي، فردوسي ۽ جامي ڪانپوءِ ڪيتري اهم حيثيت آهي. نه وري مون کي فارسي شعر جي سمجهه ۽ ڄاڻ آهي، نه ئي وري دلچسپيءَ سان فارسي شعر پڙهندو آهيان پر پوءِ به الائي ڇو ڪٿي هي شعر پڙهندي من ۾ ويهي ويو هو ڇو جو هن جي معنيٰ هن طرح آهي: "اي صائب! شعر جي حسن کي به شيون بگاڙن ۽ وڃائين ٿيون. هڪڙي ناسمجهه جي اجائي واهه واهه ۽ ٻي سخن شناس/ سمجهدار جي خاموشي."

الائي ڇو اها منهنجي عادت بڻجي وئي آهي يا مان ان راءِ جو قائل ٿي ويو آهيان ته هرويرو مون کان اها ڳالهه نه پڄندي آهي ته مان ويهي اجايو ڪنهن لاءِ پنهنجي ڳالهيون لکان يا وري پاڻ لاءِ پنهنجي ٻڌي خوش ٿيان. ائين هرگز به ڪونهي. مان خود خوشي خوشيءَ سان تنقيد کي برداشت ڪرڻ جي پاڻ ۾ سگهه پيدا ڪرڻ واري ڪوشش ۾ رڌل آهيان. ان لاءِ خوشامد کان پري رهڻ پاڻ لاءِ بهتر سمجهندو آهيان ۽ اهڙي ئي ساڳي عادت مون پنهنجي دوست ظفر عباسيءَ ۾ ڏٺي آهي. هي شخص ڏاڍو عجيب آهي توڙي جو وهيءَ جو اڌ پنو ڳاري چڪو آهي ۽ سندس هم عمر ۽ همعصر به تڪجي ويهي رهيا آهن پر هي پوءِ به ناهي ٿڪو. اڄان ساڳيو جنون سڄي ڏينهن جي هڻ هٿان ۽ پوءِ به رات جا ٿي حصا اوجاڳا ڪري لکڻ پڙهڻ وارو شوق جاري رکيون پيو اچي. هونئن ته هي سنڌ جو پهريون ڪهاڻيڪار آهي جنهن جا ٽين ايڇ ۾ ٽي ڪهاڻي ڪتاب اچي چڪا ۽ هن جي سڃاڻپ هڪ ڪهاڻيڪار واري ٿي چڪي پر پوءِ به هي هڪ شاعر به آهي. مون ڏٺو آ ته هڪ شاعر. جڏهن به نثر ۾ ٿورو ڪي گهڻو لکيو آهي ان اهو سٺو لکيو آهي پر ڪڏهن به هڪ

ٿو نه جيو هو...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهاڻيڪار يا نثر نگار شعر تمام گهٽ سنو لکيو آهي پر هتي اٽين ناهي هتي ڳالهه ان جي ابتڙ آهي. هن ڪهاڻيڪار وري جڏهن شعر لکيو آهي تہ اهو شعر بہ سنو لکيو آهي ان جو سبب شايد اهو بہ هجي تہ هن جنوني ليکڪ/شاعر ڪڏهن بہ شهرت لاءِ نہ لکيو آهي پر هن لکيو آهي لکڻ لاءِ. سکڻ لاءِ ۽ سيکارڻ لاءِ. ان جو ثبوت اهو آهي تہ جڏهن ڪيس شعر جي ڄاڻ وٺڻ جو شوق ٿيو تہ هن شاعريءَ جون مختلف صنفون ۽ گهڙيتا سکڻ شروع ڪيا ۽ پوءِ لکڻ شروع ڪيا تان جو ويندي اهو هڪ ڪتابچو ٺهجي ويو. جنهن بہ ٽي ايڊيشن شايع ٿيا ۽ وڪامي ويا ۽ هاڻي وري ان اٿلي ڪتاب ۾ اجان بہ اضافا ڪري ان ڪتاب کي وڏيڪ ڪار آمد بڻائي ان لائق بڻايو اٿائين جو جيڪڏهن هتي سنڌ پاڪستان ۾ نہ هجي ها پر ڪنهن ٻئي قدردان ملڪ ۾ هجي ها تہ يقينن ڪيس هن اعليٰ ڪم تي اعزازي ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري ڏني وڃي ها.

هن ڪتاب جي تياري جا جيڪي مرحلا ظفر عباسي طئہ ڪيا، انهن مرحلن سندس اندر مان هڪ شاعر کي بہ جنم ڏنو پوءِ جڏهن هن شعر لکڻ شروع ڪيو تہ ذات جي ديوي وئي متس مهربان ٿيندي ۽ هي بہ ويو لکندو.

او گيت، محل جي راڻي! مون وٽ "بند پيرن" سان اچ،
"لب مصرعن" سان مرڪ تہ مان چپڙن جا جهول جهليان،
جذبن جي گهنگهرن جي پايل تون ڇمڪائيندي نچ،
او گيت محل جي راڻي مون وٽ "بند پيرن" سان اچ.

☆☆☆

رچ رات ۾ برندو تڏهين، سچ جو ڪوئي مچ،
اچ آلاپن جي ورلاپن ۾ توسان سور سليان،
او گيت محل جي راڻي مون وٽ "بند پيرن" سان اچ،
"لب مصرعن" سان مرڪ تہ مان چپڙن جا جهول جهليان.

ڪي ماڻهو شاعريءَ کي مسيحائي ٿا سڏين تہ ڪي وري ڪفر ٿا ڪوٺين. ان حوالي سان اسلام ۾ هڪڙي حد مقرر ٿيل آهي. جيڪا شاعري اخلاقيات جي دائري ۾ آهي اها ڪفر هرگز بہ ڪونهي پر اها روح جي غذا بڻجي سگهي ٿي. شاعري عربي هجي، فارسي هجي يا سنڌي

تہ ڇيو هو...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجي يا وري ڪٿي انگريزي، روسي، چيني، فرينچ، جپاني، بنگالي توڙي ڪشميري هر ٻوليءَ جي شعر سخن ۾ اخلاقيات کي وڏي اهميت حاصل آهي ۽ اهو شعر ٻولي توڙي ملڪي سرحدن جي حدبندين کي اورانگهي آزاد ڪبوترن جيان اڏامندو بنا مت ڀيد جي سيني سخنوي آزادي جي متوالي دلين مٿان پرڙا ڦهلائيندو رهي ٿو. شاعريءَ جي تاريخ کي کولي ڦولي ڏسنداسين ته هند توڙي يونان جي تاريخي آثارن مان لڌل ڦٽبن کان علاوه ويد، گيتا ۽ بائيبل جهڙن مذهبي ڪتابن کي پرجهڻ سان اهو ئي پتو پوندو ته هر دور ۾ اتان جو معاشرو تنقيد لائق ضرور رهيو آهي ۽ هر اهڙي معاشري سان هر دور ۾ شاعرن بغاوت ڪئي آهي ۽ بنا رک رکاءَ جي متس تنقيد ڪئي آهي. جنهن جي نتيجي ۾ معاشري جي ڪرتائن ڌرتائن هر ممڪن ڪوشش ڪري انهن شاعرن مٿان اخلاقيات کان ڪريل ۽ مذهبي عقيدن کان ڦريل هجڻ واريون الزام تراشيون پئي مڙهيون آهن. اهڙيون الزام تراشيون پنهنجي پنهنجي دور ۾ رومي، عطار، سعدي، حافظ، جامي، سچل، غالب، اقبال ۽ اياز مٿان به مڙهيون رهيون آهن پر وقت ثابت ڪيو آهي ته اهي محض الزام ئي هئا جيڪي ڪوڙا ثابت ٿيا. جيتوڻيڪ ظفر عباسي اهڙين فتوائن کان پاڻ کي محفوظ رکرايو آهي پر پوءِ به هو پنهنجي فرض کان غافل ناهي، هن سماجي ناانصافي کي به وائکو ڪيو آهي ته ستل قوم کي جاڳائڻ جا آلاپ به آلاپيا آهن.

دنيا جي گولڙي منجهان چو رت ٿو ٽمي پيو؟
ويجهو ٿي ڏسو ته ڪهڙي ڏيهه سان ٿيو ڏاڍ آ؟
مغرور جي اڳيان هتي مجبور جو نمي پيو؟
دنيا جي گولڙي منجهان چو رت ٿو ٽمي پيو؟

☆☆☆

انسان کي ٿيو آهه ڇا؟ سکن کي چو چمي پيو.
ڇا ذات، سچ، سنڌ ۽ انسانيت مري ويا؟
دنيا جي گولڙي منجهان چو رت ٿو ٽمي پيو؟
ويجهو ٿي ڏسو ته ڪهڙي ڏيهه سان ٿيو ڏاڍ آ؟

ظفر عباسيءَ کي جتي سنڌ جو اونو آهي اتي هو دنيا جي به ڳڻتي رکي ٿو ڇو جو هو انسانيت واري دل جو ڌڻي آهي. هن جي من ۾ پيار پليو آهي ۽ پيار پلي رهيو آهي. جڏهن ذڪر پيار جو نڪتو آهي ته

ٿو ته جيو هو...

ظفر عباسي جي شاعريءَ ۾ پيار جا بہ نيارا رنگ نظر اچن ٿا. انهن رنگن ۾ سندس انداز بيان، استعارا ۽ تشبيهون بہ منفرد آهن. اهڙا مثال سندس هنن ترائيلن ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جن ۾ وڇوڙي جو درد ۽ ملڻ جون امنگون ۽ خوشيءَ جا رنگ بہ آهن.

بانهون ڦهلائي آءُ تہ بيئي هڪ وجون ٿي،
چپ چپن سان ملائي هڪ ٿي ڪٿمنڙو چوسيون.

☆☆☆

آشائون هي بادل بڻجي، جند اگڻ تي برسيون،
جذبا من جي نوٽ زمين تي اپريا ڪنيين وانگيان.

☆☆☆

جاني هاٿي منهنجي آڌو، لڙڪ نہ لاڙيندو ڪر،
منهنجا تو لئہ گل گلابي! ٻٽيا چپ رومال.

☆☆☆

جاني مون ڪلهہ رات ڏٺو هو هڪڙو پيارو خواب،
رت ۾ ريٽا بيئي پو پي رسيا هٿاسين ماڳ.

ظفر عباسي جي شاعريءَ جي رنگن ۾ رڳو ڪي چار رنگ ناهن، پر منجهس تن ئي رنگن جا گهاٽا ڇٽا ٽوٽي هلڪڙا رنگ بہ الڳ الڳ موجود آهن، جن ڪي هر ڪا دل ضرور پسند ڪندي ڇو جو هر دل جو پسند جو رنگ الڳ آهي ۽ هتي اهي سيئي رنگ موجود آهن، ان لاءِ اهو هرگز نٿو چئي سگهجي تہ ظفر عباسيءَ جي شاعري رڳو گذريل وقت ۽ هن وقت جي شاعري آهي ۽ اها رڳو اسان لاءِ آهي پر درست اهو ٿيندو تہ سندس شاعري ڪلهہ، اڄ ۽ سڀاڻي جي شاعري آهي، جيڪا اسان ٽوٽي اسان جي ايندڙ نسل لاءِ آهي. سندس شاعري ڪيتري سني ۽ پختي آهي ان لاءِ منهنجي لفظن جي اقرار يا انڪار جي هن شاعريءَ کي ضرورت ناهي ڇو جو سني تخليق ۽ سنو تخليقڪار هر انڪار ۽ مخالفت جي باجود بہ پنهنجي مڃتا مائي وٺندو آهي.

وشال امير/حيدرآباد

مچنا

بن آگرين ۾ قيد هڪ سگريٽ
لائٽر ۽ پاڪيٽ ٽيبل تي
ڪش هڪڙو هٿي آهستي
ٻنهي آزاد ڇڏي ڪمري ۾
ٻنهي جي دائري ۾ گم سم هو
سوچ ڪيڏيءَ ۾ بدل آهي
الائي ڪنهن کي پيو هو چاهي؟
محل سپنن جا تو جنهن لئه ناهي
ڪوئي هن ڪان ٻه ويو رسي آهي
پاڳ يا ماڳ الائي چاهي؟
لڳي تو رات پر هو جاڳيو آ،
ديس پنهنجي جو ڪوئي ڀاڳيو آ!
هن جي پنهنجي نه ڪائي خواهش آ،
پنهنجو هر خواب هن تياڳيو آ!
ديس جي لاءِ وينو لوچي تو
۽ ڌرتي ڌڻين جي لئه سوچي تو
اڄ جو دودو ڇو ستل آهي؟
ڪوڙهه ۾ ڌڻ هي ورتل آهي
ڪاڏي بيجل هليو ويو آهي؟
ڪير هائي تهڙي سر ۾ ڳائي؟
پاڻ بيجل ٿيڻ تو چاهي هو
پاڻ منصور ٿيڻ تو چاهي هو
پاڻ تو دودو-دولهه ٿيڻ چاهي
۽ هن دور جا سوين هيمون
چاهي تو چيخ ساڻ جاڳائي
ڪش هڪڙو هٿي هو آهستي

تو ته ڇو هو...

دونهون آزاد ڇڏي ڪمري ۾
دونهين جي دائري ۾ گم سم هُـو
سوچ ڪيڏيءَ ۾ بڌل آهي!
پنهنجي ارادي ۾ اٽل آهي
توڙي جو ڪيترا ڏنا تئين غم
۽ مسافتن جي هجر ۾ هلندي
توڙي جو ٿورڙو ٿڪل آهي
پوءِ بہ مضبوط ڄڻ جبل آهي
سوچ ڪيڏيءَ ۾ بڌل آهي
دونهين جي دائري ۾ گم سم هُـو
سوچجي جي تہ جيون گهاٽو آ
پر منهنجو ياءُ هيءُ سياٽو آ
۽ ڏاڍو ساهہ جو سيباٽو آ
پنهنجي مومل جو جيڪو راٽو آ
دعا آ. هن لئہ شل سک ڏسي
ڪڏهن نہ ڪائي خوشي هن کان رسي
۽ هن جي ڪوتائن جو تاج محل
مانئي بہ تاج محل جيان مچتا .

تسليم سحر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئيڊيل ليکڪ، آئيڊيل ماڻهو

جيون جي هن سفر ۾ ڪي انسان اهڙا تين ٿا، جيڪي پنهنجي ذات ۾ انجمن ٿين ٿا، اڪيڊمي/ادارا ٿين ٿا، سندن وجود تاريخ جو هڪ اڻ مٽ باب بڻجي وڃي ٿو. اهڙو املهه ماڻڪ ماڻهو، ڊاڪٽر ظفر عباسي به آهي. سندس ذات جا ڪيترائي رنگ آهن، هي ليکڪ علم، ادب، محبت، محنت، شفقت، همٿ رکندڙ انسان آهي. زنده دل پيار ڪندڙ ماڻهو آهي، هن ليکڪ کي مڪمل ادارو چئي سگهجي ٿو. جنهن وٽان ڪيترائي ليکڪ، ليکڪائون، علم پرائي رهيون آهن، هو هڪ گهاٽي ڇانوَ مثل آهي. هن شخص ۾ مون کي سدائين خوبيون ۽ خصلتون ڏسڻ ۾ آيون آهن. محبتن جي مشعل کي روشن رکندڙ نهايت نماڻو مانيٽو ۽ صابرين ماڻهو آهي. ائين ٿو لڳي هي انسان مرڪن جي مٽيءَ مان ناهيو ويو آهي، جنهن جي رنگن ۾ رت بدران چنچلتا رهندي آهي، جنهن جون اکيون مون کي مرڪندڙ بار جيان معصوم لڳنديون آهن. وڏن وڏن دعوي گيرن، لباڙ بازن، ڪرسين کي چنبڙيل ڇٺورن نما انسانن ۽ مفادپرست ليکڪن کان، هي پنهنجيءَ ۾ پورو انسان مون کي ڏاڍو وڻندو آهي، گهڻ ۾ گهڻ ڪنهن کي رنج نه نٿو پهچائي، ڪنهن کي ڏک نه ڪو نه ٿو ڏئي، خوشيون ورهائي ٿو، هر ڪنهن جو ڏک ٻڌي ٿو ۽ ان جو حل ڳولي ٿو.

هن دنيا ۾ خوشين ورهائڻ وارا انسان ڏاڍا گهٽ آهن پر اجان به ظفر جهڙا انسان موجود آهن. هي ليکڪ مون کي سينواريل تلاءَ ۾ ان ڪنول جيان لڳندو آهي، جيڪو هر وقت پنهنجي سندرتا قائم رکيو اچي ٿو. من جو اجرو ڪوڙ ڪروڌ ۽ بدنيتيءَ کان ڏور رهي ٿو. سچ نه اهو آهي نه اهڙا انسان مشڪل سان جنم وٺندا آهن. جي هن دنيا ۾ جنم وٺندا به آهن نه ڏک انهن کان اڳ پهچي ويندا آهن. هونئن پرخلوص ۽ سچن انسانن کي ڏک گهڻا ملندا آهن. ننڍي هوندي کان ئي محنت ۽ پورهيو ڪندڙ اڄ وڏو ليکڪ آهي. ظفر عباسيءَ جي سڃاڻپ ادب آهي، ان کان علاوه صحافت ۽ ميڊيڪل جي شعبن ۾ به هو پنهنجون ذميواريون سٺي نموني سان نڀائي رهيو آهي. ذات جي آڪاش تي سوچ جا پکي اڏاريندڙ ظفر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعريءَ کان علاوه ناول، ڪهاڻيون، ڊراما، ريسرچ اورينٽيڊ آرٽيڪل، اسٽوريز، فيچر، رپورٽس، سروي، انٽرويو، ريڊيو تي فيچر ڪالم، اخباري ايڊيٽر، مزاحيه تحريرون، ٻارن لاءِ ڪهاڻيون مطلب ته هن مشڪل ۾ مشڪل صنف تي لکڻ کان ڪين ڪيٻايو آهي، هي ليکڪ ڪم کي عبادت سمجهي ڪري ٿو، ذهن جي آڪاش تي ڏات جا پکي گهر ڪري اچي ويهي رهندا ته تخليقڪار کي ازخود قلم هٿ ۾ ڪجي ويندو آهي، هن ليکڪ جي لکڻين ۾ راتين جا اوجاڳا، من اندر جي پيڙا، دنيا طرفان مليل گهاوَ شامل آهن. هي ليکڪ جيون کي جدوجهد جو نانءُ ڏئي ٿو، اهڙو سگهارو تخليقڪار، هر صنف ۾ پاڻ مڃائيندڙ هي ليکڪ پوءِ به پاڻ کي بلڪل ننڍو ٿو سمجهي، اها ئي ان جي سنائي مون کي ڏاڍي پسند آهي. سنڌي ادب کي ڪيئي تخليقي، ترجمو توڙي ترتيب جي حوالي سان ڪتاب ڏيندڙ هي ليکڪ ڪيترين پوڳنائن مان گذريو آهي، اٽانگين واٽن تي هليو آهي، مسلسل پنڌ ڪرڻ وارو ليکڪ آهي، ڇا هي ڪڏهن ٿڪو ناهي؟ نه! هو پنهنجين اٿپورين اميدن، آسن کي ڪو نه ڪو روپ ڏئي پيش ڪندو پيو اچي، ظفر نه رڳو سنڌيءَ ۾ لکيو پر اردو ۾ به بهتر شاعري ڪئي آهي، بين ليکڪن جي ڀيٽ ۾ ڏاڍي حساس ۽ نرم دل رکندڙ ظفر ماڻهن جي ميڙ ۾ ويهڻ کان سخت گهٻرائيندڙ آهي، هو اڪيلائي پسند انسان آهي، هو سنڌي ليکڪ سان گڏ ايم بي بي ايس ڊاڪٽر آهي، ان حوالي سان پنهنجي قوم جي خدمت به ڪري رهيو آهي، هي ليکڪ ٻارنهن سالن تائين استادي پيشي سان به لاڳاپيل رهي چڪو آهي. ڏکن کي سيني سان لائي مرڪندڙ ليکڪ چوي ٿو ته "ڏک ته دائمي آهن، خوشيون ته بي وفا محبوبائن وانگر آهن، پوءِ ڇو انهن پويان ڊڪون ۽ ڊوڙون؟ جيڪو ملي صبر ڪجي. اها ئي هڪڙي زندگي ملي آهي پوءِ ڇو دردن تي ڳوڙها ڳاڙيون همت ۽ حوصلي کان ڪم وٺڻ گهرجي." تڏهن ئي ته مون اڳ ۾ ئي لکيو آهي ته هن جي لکيل سٽن ۾ پيار، پاٻوهه، سڪ ۽ سچائي سمويل هوندي آهي، هن ليکڪ وٽ مطالعو به آهي، مشاهدو به آهي، هر هڪ لفظ موتيءَ جي مالها وانگر پوئيل هوندو اٿس. هن ليکڪ جي لکڻين ۾ پيار، پريت، پيڙا کان ويندي اوجاڳن، انتظارن، اڌمن، الڪن، اوسيئڙن جو داستان پڙهڻ لاءِ ملندو، سچ پڇو ته هن ليکڪ جي

تو ته ڇيو هو...

لکڻي هر زنده دل کي پنهنجي دل جو آواز لڳندي آهي. سندس کي کي دکدائڪ لکڻيون پڙهي اکين مان اڻ مندائتو مينهن وسي پوندو آهي. ظفر جهڙا سچا سادا ماڻهو مون گهٽ ڏٺا آهن، هو خاموش رهندڙ، گهٽ ڳالهائيندڙ ۽ ڪتابن جي دنيا ۾ گم رهڻ وارو انسان آهي، اهو ئي سبب آهي جو ان جي شهرت ۽ عزت ڏسي ڪيترائي ماڻهو هن سان حسد ڪن ٿا. ظفر ان جي پرواهه نه ڪندي، اڳتي وڌندو رهي ٿو. پوئتي ڪنڌ ورائي نٿو ڏسي ته ڪير هن لاءِ ڇا ٿو ڳالهائي؟ ڇا ٿو سوچي؟ بس پنهنجي منزل طرف وڌندو رهي ٿو.

پنهنجي پهرئين پيار کي نه وساريندڙ هي ليکڪ ماضيءَ جا ورق اٿلائيندي روئي پوي ٿو. ائين ٿو لڳي هن ليکڪ کي ڪيئي پوڳنائون مليون آهن، ايڏي نراسائي من اندر هوندي به پڙهندڙن لاءِ نئون اتساهه پيدا ڪندو رهيو آهي، هن ڪڏهن به پڙهندڙن کي مايوسيءَ جي کن ۾ اڇلائڻ جي ڪوشش ناهي ڪئي. پنهنجي ڏکن، دردن ۽ پوڳنائن کي سگريٽ جي دونهين ۾ ڦوڪ ڏئي اڏائي ڇڏيندو آهي. ايڏن ڏکن هوندي به هن محنت ڪئي، جهد ڪيو، اڳتي وڌي ڪجهه بڻجي ڏيکاريائين.

ظفر جنهن به صنف تي لکيو آهي، ان سان خوب نڀايو آهي، هر لکڻي پراثر، معنيٰ خيز، دل ۾ لهي ويندڙ هوندي اٿس. ظفر جي محنت، عظمت ۽ دولت صرف ۽ صرف ڪتاب آهن. ڪتابن سان جنونيت جي حد تائين پيار ڪري ٿو. ظفر کي ادبي رجحان جو سرواڻ سڏجي ته ان ۾ ذرو به وڌاءُ نه ٿيندو. هو تمام حساس طبيعت رکندڙ نازڪ مزاج هر ڪنهن سان محبتون ڪرڻ وارو، سڀ جي عزت ڪرڻ وارو انسان آهي، هي ليکڪ ان سج جيان آهي. جيڪو پنهنجي ذات سان سارو جڳ روشن ڪري ٿو. هن جي من ۾ علم جو درياءُ بلڪل خاموشيءَ سان وهندو آهي، جنهن ۾ هلڪڙين ڇولين جون سرگوشيون هونديون آهن، ايڏو وڏو ماڻهو هوندي به ڏاڍو سادو سباجهو انسان آهي، هن ليکڪ وٽ علم، ادب، خلوص، پيار، انسانيت جي اعليٰ گڻن جا انبار آهن. ادبي دنيا ۾ پرخلوص انسان ڏاڍا گهٽ آهن، بلڪ نه هجڻ جي برابر، پر ظفر جهڙا فراخدل، پرخلوص، سچا، وفادار ماڻهو اڃان به آهن، جيڪي ادب سان نڀائين پيا . هن ليکڪ جي بي خوبي مون کي اها وڻندي آهي

تو نه چيو هو...

نہ هو منافقيءَ کان نفرت ڪري ٿو. اهڙن منافق ماڻهن کي پر ۾ ويهارڻ بہ گناهہ سمجهي ٿو. محبتن جي معاملي ۾ ڏاڍو سچو ماڻهو آهي، جنهن سان بہ محبت ڪندو آخر تائين پيو نڀائيندو. پلي ڪيترين مشڪلاتن سان منهن ڇو نہ ڏيڻو پويس. هي انسان محبتن جي معاملي ۾ ڏاڍو لڪي بہ رهيو آهي. هر ڪنهن وٽان ڏاڍيون محبتون مليون اٿس.

جيون جي اڻانگي سفر ۾ اسان کي ٻن قسمن جا ماڻهو ملندا هڪڙا آهي جيڪي واڪا ڪري ٻڌائيندا اسان توهان جا آهيون. سڏ ڪري ڪري پنهنجي هجڻ جو احساس ڏياريندا آهن ۽ ٻيا آهي هوندا آهن جيڪي اسان جا نہ هوندا آهن، پوءِ بہ پنهنجا لڳندا آهن. اهي پاڻ هڪ سڏ هوندا آهن، اهڙا انسان دل دماغ ۾ جلدي جاءِ جوڙي وٺندا آهن. ظفر بہ اهڙن پيارن انسانن مان هڪ آهي. سڀ پڙهندڙ، لکندڙ ان سان پيار ڪن ٿا. اهڙو پيار ڪن ٿا جيڪو ڪنهن عنوان/ليبل جو محتاج نہ آهي. دل جي گهراين ۾ چاهتون رکندڙ ظفر ڪڏهن بہ ڪنهن سان نفرت جو اظهار ناهي ڪيو. سندس لکڻيون (شاعري، ڪهاڻيون) هن جي اندر واري انسان جي ضمانت ڏين ٿيون. هن شاعر جيڪو ڪجهہ پرکيو آهي، اهو ئي لکيو آهي. ڪڏهن نظم جي روپ ۾ تہ ڪڏهن نثر جي روپ ۾. ظفر ادبي ڪيتر ۾ ڪڏهن بہ ڪا هام نہ هڻئي تہ هو ڪو وڏو اديب آهي، نہ ڪو پاڻ کي ڪجهہ سمجهي ٿو. هي ليکڪ تہ نياز نوڙت ڪرڻ ڄاڻي ٿو. اها بہ تہ وڏي خوبي اٿس. فڪر معاش جي مسافريءَ ڪانپوءِ هو پنهنجي اندر جي احتجاج کي لفظن جو روپ ڏئي ڪاغذ تي سجائيندو آهي. اندر جي دردن ۽ احساسن کي صفحن تي اتاري ڇا هو دردن، احساسن ۾ ڪمي محسوس ڪندو آهي؟ شايد ائين هجي بہ!

جڏهن انسان ڏاڍو مايوس ٿي ويندو آهي، دنيا تنگ ٿيڻ لڳندي آهي، مايوسين کان بچڻ لاءِ ڪتابن ۾ ئي پناهون وٺبيون آهن. سچ تہ اهو آهي ڪلا جو سندر روپ رکندڙ هي ليکڪ سوچ نگر ۾ پريت جا اهڙا تہ عڪس اوتي ٿو جو من اندر ۾ نوان رنگ اڀري اچن ٿا، دل خوشيءَ مان جهومڻ لڳي ٿي، هر وقت ذات جي ديوي مٿس مهربان رهي ٿي، خوشين ۽ ڏکن سان پريل گيت، غزل، نظم، وايون، پڙهندڙن تائين پهچائيندو رهيو آهي.

هڪ سوال مان بہ هن کان ڪرڻ چاهيان ٿي، جنهن انسان کي

شاعري ڇڏڻي سال ٿي ويا اوچتو ئي اوچتو سندس شاعري ڇپجي ڪيترن ئي رسالن ۾ پڙهڻ لاءِ ملي وئي. انهيءَ شاعري پويان لڪل وري ڪو نئون غم آهي يا ڪا اهڙي خوشي جا اوچتو ئي اوچتو ملي اتس؟

بهرحال اها هڪ حقيقت آهي ته ظفر جهڙا انسان ڏاڍا گهٽ آهن. جنهن جا ويچار من کي موهي ٿا وجهن. ذات جي ڏياتيءَ سان. سچي جذبي سان هو روح روشن ڪري ٿو. سندس شاعري نٿهڻ جهڙي جيون ۾ چڻ ڪو چانورو هجي. سندس هر لفظ پيار جي روپ جيان وٺندڙ آهي. هر هڪ سٽ ۾ دل کي اُتون ڏيندڙ لفظ هوندا اتس. هر لکٽي ڄامشوري جي هوائن جهڙي ۽ پرين جي سار جهڙي لڳندي آهي. مان مڃان ٿي انسان خطائن جو گهر آهي هن جون به ڪي خطائون. ڪي ڪوتاهيون هونديون! ظفر محبت کي پنهنجو پاڻ کي سمجهڻ ۽ ڏک کي ماڻهوءَ کي ماڻهپي ۾ رکڻ جو دارون دوا چوي ٿو. پسند جي شادي ڪندڙ هي ٽن خوبصورت پٽڙن جو پيءُ آهي. هي ليکڪ انهن ئي انسانن کي ياد رکندو آهي. جيڪي ان کي ياد رکندا آهن. محبتون ڏيندا آهن. جدائيءَ کي روحاني رمزون سمجهڻ جي مشق چوندڙ هن ليکڪ کي ڪاوڙ انهن ماڻهن تي ايندي آهي. جيڪي ڪنهن کي بيوقوف بنائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ڪنهن سان ناانصافي ڪندا آهن. من ۾ بين لاءِ نفرت رکندا آهن. يا هڪڙا اهي جيڪي من ۾ هڪڙا ٻاهر ۾ ٻيا هوندا آهن. هن ليکڪ کي ڪتابن ۾ تخليقي. ريسرچ اورينٽيڊ ۽ فڪري ڪتاب وڻنداآهن. ڪهاڻيڪارن ۾ امر جليل ۽ موهن ڪلپنا کي پسند ڪندڙ هي ليکڪ پنهنجي ديس کان ٻئي ڪنهن ديس کي ڪو نه ڀانئي. هن ليکڪ کي مون ڪڏهن ڏنو ناهي نه ئي مون سان ڪا ڳالهه ٻولهه ٿي آهي پوءِ به ٻين ليکڪن کان وڌ سٺو ۽ پنهنجو لڳندو آهي. مان يقين سان چوان ٿي ته سنڌ جي ادبي روايتن ۾ محبت جي تاريخ لکي ويندي ته ظفر جو نانءُ سونهري اکرن ۾ لکيو ويندو. شال هي ليکڪ اڃا شهرت جي بلندين تائين پهچي ۽ مڃتا ماڻي. اسان جون دعائون ۽ محبتون هن سان گڏ آهن.

نسرين سيد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليکک: فن ۽ شخصيت

(تاثر- رايا ۽ ويچار)

عاشق... دل ڦينڪ... شاعر...

ظفر عباسيءَ جي شاعريءَ تي نظر پيم تہ اوچتو ھن يار جي حوالي سان گھڻو.. گھڻو... گھڻو اڳ وارو زمانو اکين جي اڳيان تري آيو... جڏھن اسان ٻئي چوکرا ھئاسين (چوکرا، گند جا ٽوکرا) ۽ کنڊياري ۾ پھريون پيرو ھڪ ٻئي سان مليا ھئاسين، شايد ڪنھن ڪتاب جي مھورت واري ڪا گڏجاڻي ھئي. انور ھالائي (جنھن جي مخدوم نوح واري قبرستان ھالا ۾ ڪچي قبر، ھن وقت بہ لڙڪن وانگر، نگاھن ۾ ٻئي ڦريم) سوز ھالائي، (افسوس! ھن پياري جون روشن روشن اکيون ھاڻي، ھن سان باقاعده دوکو پيون ڪن) عرفان مھدي (۽ سنڌ ۾ ھاڻي ھن جھڙا سھڻا جوان ڪٿي رھيا آھن) ۽ انھن پيارن پيارن انسانن سان... عزيزم ظفر عباسيءَ کي اتي ڪنڊياري ۾ ملندي ۽ مستيون ڪندي ڏٺو ھئم... ۽ بس اھو سنھڙو سيپڪڙو ۽ شاخ نبات! جھڙو ظفر. ڏسندي ئي ڏسندي... جوان ٿيو. انٽر پاس ڪيائين ۽ ڊاڪٽري پڙھڻ لڳو. ھڪ ڏينھن اوچتو ڏٺومانس. ھٿ ۾ ميڊيڪل جا ڳرا ڳرا ڪتاب.. اجو ايپران ڪلھن ۾... ۽ اڙي ھان! ھي ڇا؟! پن جي بيڙي چپن تي ۽ اک ڇنڀ ۾ سال گذري ويا... خ ـ بئي... ظفر عباسي ڊاڪٽر بہ ٿي ويو آھي پر ڪلينڪ بدران پبلشنگ ھائوس کوليو وينو آھي ۽ دي مار... دي مار... شاعرائن ۽ ليکڪائن جا ڪتاب وجي پيو شايع ڪرائيندو...

عاشق ۽ دل ڦينڪ تہ ھُو اڳ ئي ھو.. مٿان اطلاع پھتو تہ شاعر تي پيو آھي ۽ ظاھر آھي.. ھن جي اندر ۾ ھڪڙو شاعر ھو ضرور لڪل... جيڪو لڳي پيو تہ ھاڻي نڪري باقاعده ظاھر ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رھيو آھي (۽ پلا جي ھو فطرتن شاعر نہ ھجي ھا تہ ھي ھيترا ۽ پيارا پيارا شعر، ڪٿان لکي سگھي ھا؟)

سندس ھي ڪجھہ سٽون تہ ڏاڍيون وڻندڙ سٽون آھن ۽ ٻڌائين پيون تہ... ھائو ٻيلي... شاعر ۾ ڪٿا آھن ۽ جي مشق ڪندو رھيو تہ نالو ڪيندو.

نصير مرزا (حيدرآباد)

تو تہ ڇيو ھو...

شاعريءَ جي باغ جو خوبصورت گل

چوندا آهن تہ عمر جي وڌڻ سان گڏ ماڻهوءَ جا جذبا بہ ٿڌا ٿي ويندا آهن. ظفر سان مون جوين جون ڪيتريون ئي شامون گڏ گذاريون آهن. اسان هڪ ٻئي جي زندگيءَ کي ويجهڙائيءَ کان ڏٺو آهي. هڪڙو دور هو جڏهن شاعريءَ واري ميدان ۾ ظفر ڏاڍو تکو هليو. پوءِ ڪيترو ئي عرصو خاموشي ڇانئجي وئي. شايد ان پنيان پڙهڻ، پوءِ غم روزگار سميت ڪي سبب هئا. جن ظفر جي شاعراڻي پنڌ اڳيان بند ٻڌي ڇڏيو. هاڻي جڏهن ظفر اهو اڌ ۾ ڇڏيل پنڌ ٻيهر شروع ڪيو آهي تہ مون کي سچ پچ ڏاڍي خوشي ٿي آهي. سندس هيءَ شاعري پڙهي مون کي هو اڳ کان بہ اڳرو محسوس ٿيو آهي، سندس شاعريءَ ۾ اهي فني توڙي فڪري سموريون خوبيون موجود آهن، جيڪي هڪ سٺي شاعر ۾ هجڻ گهرجن. سندس شاعريءَ ۾ هڪڙي نواڻ آهي. هڪڙو مقصد آهي، مون سميت يقينن سٺي شاعري پڙهڻ جو شوق رکندڙ هر ماڻهو ظفر عباسيءَ جي شاعراڻي دنيا ۾ ٻيهر واپسيءَ تي خوش ٿيندو ڇو تہ هو شاعريءَ جي باغ جو هڪ خوبصورت گل آهي.

مرتضيٰ سيال

اڄرن احساسن جو شاعر

هر ماڻهو پنهنجي جذبن جي اظهار ۽ پنهنجا خيال، نظريا، تجربا ۽ سوچون ٻين ڏانهن منتقل ڪرڻ لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن خاص شئي کي ذريعو بڻائيندو آهي. بلڪل ائين جيئن مصور تصوير، موسيقار مڌر ڌنن ۽ راڳي پنهنجي گيتن ذريعي پنهنجا احساس ٻين تائين پهچائي ٿو. ساڳي طرح هڪ شاعر پڻ پنهنجي شعرن ذريعي ڏک، سک، پوڳنائون ۽ پيڙائون ٻين سان اوري ٿو. ظفر عباسي بہ شاعريءَ ذريعي ڏک اوريندڙ قافلي جو پانڌيئڙو آهي. ظفر هوندئن تہ ادبي حوالي سان گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ آهي، هڪ ئي وقت ڪهاڻيڪار بہ آهي تہ ڪوي بہ، پبلشر بہ آهي تہ ايڊيٽر بہ. سندس اڻ ڇهيل خيالن ۽ اڄرن احساسن تي مبني ڪرتائون پڙهي اهو فيصلو ڪرڻ مشڪل ٿي ويو آهي تہ هو سٺو شاعر آهي يا ڪهاڻيڪار. بهرحال اهو پڙهندڙن تي ڇڏيل آهي تہ هو کيس ڪهڙي روپ ۾ وڌيڪ پسند ڪن ٿا. سندس داخلي ۽ خارجي احساسن جو حسين سنگم هي پوئٽ جي پرن جهڙا نازڪ ۽ انڊلٺي رنگن جهڙا پرڪشش ۽ وڻندڙ شعر پڙهڻ ڪانپوءِ اسان کي پنهنجي جذبن جي ترجماني ٿا لڳن. دعا آهي تہ هي محبتن سان سرشار دلين جو ترجمان شاعر اڃان بہ وڌيڪ سگهارا ماڻي ۽ سندس قلم اسان لاءِ آئت جهڙا گيت سرجيندو رهي.

وفا مولا بخش قمبراڻي

تو تہ چيو هو...

سنو انسان پيارو ماڻهو

ڪتي ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو هيم تہ هر ڪنهن ماڻهوءَ جي دل ۾ هڪ شاعر موجود هوندو آ، پوءِ ڪنهن ماڻهوءَ جي دل جو شاعر اگهور ننڊ ۾ هوندو آ تہ ڪنهن ماڻهوءَ جي دل ۾ ويٺل شاعر ڪر موڙي جاڳي اٿندو آ ۽ خارجي يا اندروني حالتون ان شاعر جي زبان بڻجي اندر جي آواز جو روپ وٺي ڪاغذ تي جنم وٺنديون آهن. هونئن بہ جڏهن خوابن کي، خواهشن کي، احساسن کي، سوچن کي پوپٽ جيان پر لڳندا آهن تہ من اندر مان هڪ آواز مور وانگر ٽهوڪا ڏئي نڪرندو آ ۽ جڏهن اهو ڪاغذ تي اوتبو آ تہ شاعريءَ جو روپ وٺندو آ. شاعري قدرتي ڏات آ... هڪ الهام آ، ڪڏهن ڪڏهن اها ڏات مهينن جا مهينا رٺل رهندي آ، ڪڏهن ڪڏهن اها ڏات ساوڻ جي برسات وانگر برسندي آ. اسان جي هيءَ سنڌ ڌرتي ڪيترن ئي سهڻن سيبتن شاعرن کي جنم ڏنو آ، جيڪي اسان جي سڃاڻ آهن، انهن شاعرن ۾ ڊاڪٽر ظفر عباسي بہ هڪ نانءُ آ. مان ڊاڪٽر ظفر کي گهڻي وقت کان تہ ڪو نہ سڃاڻان پر چند مهينن کان هن کي ضرور سڃاڻڻ لڳي آهيان. ڊاڪٽر ظفر جي شاعري، ان جي شخصيت جيان تمام گهڻي پرڪشش ۽ پروقار آ. هو جيترو پاڻ سنو انسان ۽ پيارو ماڻهو آ، اوترو ئي هن جي شاعري سٺي ۽ بين ڪان منفرد آ. هن جي شاعري قدرت جو شاهڪار ۽ سنڌ واسين لاءِ جيئڻ جو جياپو آ. هن جي سٽ سٽ ۾ هن جي اکر اکر ۾ ايڏو تہ جادو آ، ايڏي تہ ڪشش هوندي آ جو بيو انسان پڙهڻ بغير رهي ناهي سگهندو. ڊاڪٽر ظفر جي شاعريءَ ۾ زندگيءَ جا سمورا رنگ چٽا ۽ نمايان نظر اچن ٿا. هو جيترو پاڻ شوخ ۽ چنچل آ اوترو ئي هن جي شاعري شوخ ۽ چنچل آ. هن جي شاعري معصوم دلين جو آواز ۽ درد وندن جي صدا آ، هو جڏهن پنهنجا جذبا ڪاغذ تي اوتي ان کي اظهار جو ويس پهرائي ٿو تہ ائين لڳندو آ ڄڻ ڪائنات جو سمورو حسن هن جي شاعريءَ ۾ سمائجي ويو هجي. ڊاڪٽر ظفر جي شاعري پڙهڻ سان هڪ عجيب سڪون ملي ٿو. جيڪو هر وقت دل کي مهڪائيندو رهي ٿو. ڊاڪٽر ظفر جي شاعري گلابن جو هڳاءُ ۽ رابيل جي خوشبو آ ۽ مان ان کي وڏي شاعر چوڻ ۾ بلڪل بہ دير نہ ڪنديس، جو تہ هو واقعي هڪ وڏو شاعر ۽ هڪ وڏو ڪهاڻيڪار آ. ان ۾ اهي سموريون خوبيون موجود آهن جيڪي هڪ وڏي شاعر ۾ هئڻ کپن.

ممڪ جوڻي /10-10-2005

Header Page 25 of 134.

ڪيفيتن جي شاعري

هر ماڻهوءَ جيان منهنجي جيون ۾ به پيار جو وڏو ڪردار رهيو آهي. مان سمجهان ٿو ته منهنجي سمورين سٺين ڪارڪردگين جي پويان رومانس جو اهم رول آهي. امڙ جي اٿاهه پيار، محبوبا جي بي تحاشا پيار ۽ انيڪ دوستن جي عارضي پيار، مون کي ان لائق بڻايو جو اڄ تائين (منهنجي خيال ۾) مون تمام اهم ڪم سرانجام ڏنا آهن.

مون پنهنجي پريتم تي ناول لکڻ گهريو هو مگر اڄ تائين ان تي هڪ ڪهاڻي به نه لکي سگهيو آهيان. هن شاعريءَ مان گهڻي تڻي شاعري مون هُن کي اڏو رکي سرجي هئي. اها هئي به رڳو ان لاءِ پر جيئڻ هر ماڻهو مختلف ڪيفيتن مان گذرندو رهندو آهي آئون به انهن ڪيفيتن مان گذرندو رهيس ان ڪري شاعريءَ ۾ انهن ڪيفيتن جو اظهار به ضرور هوندو. هيءَ سموري شاعري مون ايل ايم سيءَ جي بو علي سينا هاسٽل جي پنهنجي ڪمري نمبر 106 جي ڦاٽڪ ڏانهن کلندڙ دريءَ ۾ ويهي سرجي هئي، جيڪا هڪ ڊائريءَ تي اتاري مون "هُن" ڏانهن موڪلي، مون سمجهيو ته منهنجو ڪم پورو ٿي ويو، جنهن لاءِ شئي تخليق ٿي ان ڏانهن هلي وئي، بس! پر دوستن چيو ته ائين ناهي شاعري ماڻهن جي اڏو به اچڻ گهرجي. پوءِ ان شاعريءَ جي چونڊ جا مرحلا آيا. تاج جويو کي مهاڳ لاءِ شاعري ڏيندي اهو حق ڏنو ويو ته جيڪا شاعري توکي نه وڻي سا ڦاڙي ڇڏجان، وسيم سومرو کي به ائين ئي چيو ويو. ڪتابچا تيار ٿيڻ کانپوءِ ساهتي پبليڪيشن ڪنڊيارو (سنڌي ادبي سنگت ڪنڊيارو) جي سائيڪلو اسٽائيل اشاعتي سلسلي پاران ڇپائيءَ کانپوءِ 18 سالن پڇاڻان جڏهن ٻيهر اشاعت لاءِ هٿن ۾ آيا ته ان وقت جي دوستن کي مڪمل اختيار ڏنا ويا ته ڪنهن به حوالي سان ڪو به شعر "ناپسند" هجڻ جي صورت ۾ ڪڍي ڇڏيو وڃي. شاعريءَ ۾ اصلاح جي حوالي سان به آئون انهن مڙني دوستن جي راين ۽ مشورن لاءِ ٿورائتو آهيان.

مان سمجهان ٿو ته شاعري ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي ۽ اهو ڪل وقتي ڪم آهي. هن ۾ نه رڳو صنفن جا گهاڙيٽا سکڻا آهن پر صنفن جي ڪيفيتن ۽ گهرجن کي به اڏو رکڻو ٿو پوي، ان سان گڏوگڏ علم عروض يا ڇند وديا جي ڄاڻ به بنيادي شئي آهي پر آئون هتي اهو اعتراف ڪندو هلان ته مون پنهنجي سموري شاعريءَ ۾ ردم کي ئي اڳيان رکيو آهي ان ڪري وزن بحر جون ڪيئي ڪوتون شاعريءَ ۾ محسوس ٿينديون. خاص ڪوت ته غزل جي حصي ۾ اڪثر غزلن جا مطلع هم قافيه نه هجڻ جي آهي پر مان سمجهان ٿو ته اصل ڳالهه انهن جي جذبن جي آهي، جن جي بنياد تي تخليقون جنم وٺن ٿيون.

مان سمجهان ٿو ته پڙهندڙن جو ساٿ، سهڪار ۽ پيار منهنجي اتساهه کي اڳاهون ڪري سگهي ٿو.

ظفر عباسي / 03-10-2005

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

26

ترائيل

59

❑

هر گهڙيءَ جي پڄاڻي آهي تنهنجي در تي،
ڪٿي منهنجي اها ٿي ته منزل ناهي.

پنهنجو نانءُ لکندي لکجي ويو تنهنجو نالو،
ڇا اڃان پنهنجي خيالن ۾ رلمل ناهي!؟

شروع ڪان پڄاڻيءَ تائين، تنهنجوجنهن ۾،
ذڪر ناهي، اهڙو منهنجو ته ڪو غزل ناهي.

روز رساما، ڪاوڙ، جهڳڙا ۽ خفائپ،
اڃان ڇڻين تي، پيار پنهنجو اٽل ناهي.

وڇوڙي پڄاڻان منهنجو نانءُ اڪيلو ۽ اداس،
سچ پڇين ته ظفر! تنهنجو نعم البدل ناهي.

❒

پيار تنهنجو بہ منهنجي مون لئہ اتئين سهارو هو،
جيئن آسروند جهوليءَ ۾، ٻار کي اڌارو هو.

نيائي نہ سگهياسين صديون تہ ڇا سال ٻيي نہ،
پنهنجو پريم بہ جيڏي! ڪيڏو نہ نيارو هو.

لڙڪن سان يا رت سان، ڇا سان پرجي ويو پيالو؟
ڇا واقعي منهنجو گيت! ايڏو ڪو دکيارو هو!

چنڊ، نند ديويءَ جي رسامي جو، جي سبب پڇئي؟!
تہ چئي ڇڏجانءِ "نہ نہ ظفر! ء مون کي پيارو هو!"

ڪنهن کي نہ ٻڌائبو! بس دائريءَ ۾ لکي ڇڏبو،
هن ڪڏي ڇڏيو اڃلائي، دال ۾ جو ڪارو هو!

❒

تون رسي وئينءَ تہ ڇا ٿي پيو،
تنهنجا سپنا تہ رنا ناهن.

درد ٿيپي ٿيپي، الائجي گهڻا،
سوراخ دل ۾ ڪري ڇڏيا هن.

حادثا حادثن کي جنم ڏين پيا،
ڏوھ پنهنجا نہ تہ ڪنهن جا هن؟

آلو وهاڻو ۽ تنهنجا نيڻ ڀڳل،
لڙڪ ناهن جي ڀلا ڇا آهن؟

نہ نہ تنهنجو ڪوئي ڏوھ نہ آ،
ڏوھ بہ پنهنجا، درد بہ پنهنجا هن.

نم بہ وئي سگهي آ جت چيو هو تو،
”ڇپ تنهنجا، تنهنجا نہ منهنجا هن.“

”پيءُ ماءُ جي اعتماد کي ڏنم دوکو“
اجان چئين ٿي پيار ۾ پيا ڏار ناهن.

مون کي روئڻ نہ سونهندو هو،
پر اڄ هي لڙڪ نيٺ لڙي پيا هن.

تو تہ چيو هو...

□

چھڪ ڏئي ۽ چاڪ چڪائي،
پوءِ پڇين ٿي چاڪ تہ آهين؟

سور سھڻ جي سھپ نہ اٿئي،
سھڻا سينو ڇو ٿو ساهين؟

لونءَ لونءَ لرزش ۾ لرزي ٿي،
لنئون لاٽڻ آسان ٿو پائين!

گڻونج ۽ گلڙا منھنجا گيت،
گد گد ٿي گلدان سجائين.

دل جو درد تہ دکندو رھندو،
دل جو ديپ اجھاءِ نہ سائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

□

تو بن جيون ڪاري رات،
ڪا تخليق بنان ڪنهن ذات.

هر ماڻهوءَ ۾ ريٿو رت،
ڇا جا ويڇا ڇا جي ذات.

پيٽ ٻڪئي ۾ بک جي ميوزڪ،
اجڙيل باغ ۾ ڪويل لات.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❐

سچو ڏينهن تون! بند ڪمرو ۽ اداسيءَ جا گيت،
اجان بہ چئين ٿو جاني تہ ”اجان زنده آهيون.“

تڏا ساهہ! آهون! نڙي خشڪ ۽ هي چپ سڪل،
نہ نہ! ايڏو ڪٿي ٿا اسان هڪ ٻئي کي چاهيون!

تنهنجو منهنجو رشتو ائين تہ ڪونهي ڪو،
جڻ شاديءَ ڏڻ تي ملي وچڙيا آهيون.

اسان کان سواءِ اوهان ۽ اوهان کان سواءِ اسان،
اجان بہ پروسو ڪونهي تہ ڪو جيئرا آهيون!

❒

هڪ هڪ ٽي ڪپي ويندئي سپ ٽشو پيپر،
پنهنجي نيڻن مان مني! لڙڪ تہ اجهل ٽا وسن.

اسان جي ئي خاطر هي شهر، شهر وفا آهہ بڻيو،
اوهان ٽا چئو "بس هت هيءُ ئي بيوفا ٽا رهن."

درد سهڻ جي اجان بہ طاقت آ تنهن ڪري،
اسان ڪي آخري هڪ درد ۾ هڪڙو ڪپي ڪفن.

يا خدا زندگي جي ڏين تہ ڪو سهارو بہ تہ ڏي،
نہ تہ ايل ايم سيءَ ڪي ڊئڊ باڊيون ٽيون ڪپن.

جانيواڪر جي بوتل ۾ بہ بند ٽي نہ ٽا سگهجن،
منهنجا سپنا بہ ڪيڏا نہ رولاڪ ۾ آوارا هن.

ڪيترو بردباري ۾ پڪائيءَ ڪان ڪم ونبو،
تنهنجي ياد ايندي ئي ڳوڙها ڳڙي ٽا پون.

❐

نيڻ تارن جا اولڙا ڏئي هي چنڊ مک!
مون کي رات سڄي ائين ڇو تڪيندو آ؟!

چوڏسا تي جڏهن سانت راڄ ٿيندو آ،
سوچ ساٿي توڏانهن مون کي نيندو آ.

ها هڪ گيت جو مون هو، توتي لکيو،
تو ياد ايندي سو گيت ياد ايندو آ.

پوڳنائون بہ بيروزگاريءَ جان وڌن پيون،
ڇا اهو ئي رستو انقلاب ڏانهن ويندو آ؟!

خواب مان ڇرڪ ڀري مون ڪان منهنجي پٽ پڇيو،
”شهيدن جو بہ خون بابا سرخ ٿيندو آ؟“

روشني تہ روشنيءَ کي جنم ڏيندي آ پر،
ڪڏ انڌيرو بہ روشنيءَ کي جنم ڏيندو آ.

□

درد اهڙو جو نہ سهڻ جهڙو،
تنهنجو ملڻ بہ نہ ملڻ جهڙو.

اڃان تہ چند جان ۾ رت ست هو،
اڃان تہ هي ديپ هو جلڻ جهڙو.

جيون جيڏو گرم ۽ موت جهڙو سرد،
تنهنجو منيءَ تحفو نہ آ وسرڻ جهڙو.

چنڊ آ بادل! اوڙهيو ۽ ستارا روئن،
سچ تہ سمو آ، تولاءِ لکڻ جهڙو.

بهارن جي وڇوڙن جو اهو آ احساس،
هونءَ تہ چهرو نہ آ روئڻ جهڙو.

❐

فن نہ آ ڪا راند ٻاراڻي،
فن تہ آهي سمنڊ اجهاڳ.

مان تہ مسافر آهيان سائين،
بي گهر گهاٽ ٻنان ڪنهن ماڳ.

گهوڙا تي ويا هـن، انسان،
ماڻهو! ساڻ هلن َ ٿا واڳ.

سورج اڀري ۽ الهي ٿو،
سهاڳ پويان آهہ ڏهاڳ.

مون لاءِ غربت آهہ اهائي،
تولئہ تيسٽ، آ جو ساڳ.

ظفر! مئہ ڏئي، ٻڌجي ساقي،
ڪهڙو ٻيو پو گهرجي ڀاڳ.

ل

مئہ کدو آهي ڇو ويران،
اڄ وري ڪجهہ پيئجي ۽ پيارجي.

هي جيون ناهي ڪو سپنو،
هت عزت سان جيئجي ۽ جيارجي.

حق نہ آهي پاڻهي ملندو ڪڏهن،
پر کسي ونجي، ڏجي ۽ ڏيارجي.

ويڙهہ ۾ ناهي ڪڏهن ڏيبي پٺي،
جنگ ۾ ير مرجي يا مارجي.

زهر تنهنجو ڪَوڙ سمجهي،
وات ۾ اوتي اندر کي ٺارجي.

❐

جيون ٽاڪ منجهند، جيون ٽڏڙي شام،
جيون ٽڙڪو وڻ جو، جيون ڇانگيل لام.

جيون ڏرنڊڙ ان ڪڻو، جيون جنڊ جا پڙ،
جيون جهونيءَ جاءِ جي، سريل پوري ڪام.

جيون منهنجي ماءُ جو، گهنجيل چڻ ڪي مک،
جيون اهڙو ئي مڏر، جهڙو تنهنجو نام.

جيون پينوءَ جو وٽو، جيون نانءُ ڏٽي،
جيون شاعر جو ذهن، جيون خيال ئي خام.

جيون ڪوئي ڪرڪٽو، جيون منجهل وار،
جيون ڪاڪ محل ڪو، جيون ڪائي سام.

تو ته جيو هو...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❒

ڏينهن ڪيڏو نہ پرائو! رات پنهنجي آ،
من منجهہ مهڪا! خوشبو ڪنهن جي آ!؟

درد دروازي تان اچي موٽي ويو،
ڪال بيل تہ نيڪ ناڪ منهنجي آ.

دل جون نظرون بہ هن پاڳل پاڳل،
هر تصوير، تصوير ڇڻ تنهنجي آ.

تو سوا ڇڻ تہ جستجو ڪان سواءِ،
زندگي جنهن جي بہ آهہ اُهنجي آ.

مسئلا تہ رهندا هن، نوعيت بدلبي آ،
حياتي ڪنهن جي بہ نہ سهنجي آ.

❒

درد ملندو جي، دوستي رهندي،
جيءُ جلندو جي، زندگي رهندي.

نہ گھر ۾ ئي سڪون آ، نہ تنهنجي
اکين
۾،
هاڻي چاهت ڇا ٻي دلي رهندي؟

آءُ ان ڳالھ ڪي اڄ ۾ ئي ڇڏيون،
برقرار تڏهن تہ مئہ ڪشي رهندي.

تنهنجي اکين ڪي ڪنهن سان پيٽ ڏيان،
ڪليل آهن تہ روشني رهندي.

دنيا جي مظلوم ماڻهن جي هيءَ قوم،
ڌرتيءَ تي نيٺ جي رهندي.

منهنجي مرڪ تنهنجي نيڻن جا،
لڙڪ سيئي آخر پي رهندي.

موت ڇا مات ڪندو ماڻهوءَ ڪي؟
زندگي تہ دوست زندگي رهندي!

❑

تنهنجي هڪڙي نيڻ نهار،
مون لئہ هڪڙو لولو آهہ.

ماڻهن ليکي درد نہ آ پر،
منهنجي ذهن ۾ رولو آهہ.

منهنجي نانءِ پلي ائين چئہ،
بي زر منهنجو گولو آهہ.

بي ضميريءَ ساڻ او سائين،
جيون گهارڻ سولو آهہ.

پنهنجو تيجي ساٿي پاڻ،
ڪو بہ نہ ڪنهن جو ڍولو آهہ.

□

راڳي تو ڇو راڳ ھي ڳايو؟
آلاپن سان مون کي گھايو.

سوچين ھا ڪجھ سمجھين ھا،
سازن منھنجو جيءُ جلايو.

مان تہ اڳي ئي ھئس ڏکايل،
ڇڻنگ مان سرگم مچ مچايو.

تنھنجو ساز ٻڌي مون راڳي،
راءِ ڏياچ جان ڪنڌ ڪپايو.

هو جاڳي پيو ٿو،
جو آهي ڪنگهيو.

سنگ پڪل جيان ڇو،
منهنجو هٿ ڏڪيو؟

چنڊ هوندي ڇا ٿيو،
جي ڪو بلب ٻريو؟!

ڪوتا سرجڻ ڇريائي،
شاعر آهه ڇريو.

فائرنگ بند ڪيو،
سڏڪو ٻڌڻ ڏيو.

تارا اوڏر تي،
ڇو ٿا پيا ٽمڪو؟

ڪٺو ڪٺو هن جنڊ م،
ڏرجو يا ڏريو.

ڪڪڙئو! ٻانگ نہ ڏيو،
هاڻ تہ سمهڻ ڏيو.

تو نہ جبو هو...

❐

چنگ وڄائي، درد وڄائي، منهنجو جيءُ جياريو ڙي،
مست الست تي آيو آهيان، راڳ رباب ٻڌايو ڙي.

پٽڪي پٽڪي، هٿ پهتو هان، اڳتي ڇاهي ڪا نہ خبر آ،
ماڳ نہ مون ڪان يار لڀي ٿو، مون ڪي ماڳ رسايو ڙي.

مرڪڻ وارو مان لهي ٿو شوم سدائين شوم ئي سڏبو،
ايڏي شوميءَ مان ڇا ورندو، مرڪو ۽ مرڪايو ڙي.

ڪيڏو ناز نهار ۾ آهي، ڪيڏو گهورون گهائن دليون،
دل جو ڏوهہ نہ آهي ڪوئي، ڇاهت من تڙپايو ڙي.

هوش منجهان بيهوش ٿيس ۽ بيهوشيءَ ۾ پين ڪنيم،
پنو ڏئي ڪو هوش جون ڳالهيون مون ڪان يار لڪايو ڙي.

بيٺل پاڻي سينورجي ٿو، وينِي گندڻيون ڪٽي وڃن ٿيون،
او بيڪارو! اٿو ۽ هاڻي هٿ ۽ پير هلايو ڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

□

ڏينهن جو اوجاڳو آهي،
هاڻي توري ننڊ ڪرڻ ڏي.

سڏڪو هن جو ڪن پيو آهي،
مون کي هڪڙي آهه ڀرڻ ڏي.

هنجن جي جوڙي کي ڍنڍ ڏي،
پيار ڪرڻ ڏي، خوب ترڻ ڏي.

موتيا آهن ٽڪجي پنڇي،
واهيري ڏي ڪين ورڻ ڏي.

ٻَل تي نانءُ لکي چيڙن سان،
ساڙولن کي جام سڙڻ ڏي.

❐

راڳي اڄ ڪو راڳ ٻڌاءِ،
رئندڙ من کي اڄ پرچاءِ.

آهه ملڻ لئہ ميلو لڳندو،
مون کي پيي ڪو يار ملاءِ.

منزل ملندي مهن کي ڪڏهين؟
ڊارو ڪٽرڪائي اڃلاءِ.

جيڪو نہ پٺي تو چئوپڙ تي ڇو؟
اڃلڻ ڪان اڳ ۾ ڪٽرڪاءِ.

سُر ۽ ساز نچائي سڀ کي،
چارڻ ڪوئي چنگ وڄاءِ.

سُر تي نچڻيءَ ناچ ڪيو هو،
ساز تي مون کي پيي تہ نچاءِ.

جيڪو جيون خالي ڪوڪو،
ان جيون کي ٻاهہ لڳاءِ.

اڄ تائين آ سڌڪيو جيون،
ظفر! هاڻي جيءُ نہ جلاءِ.

❒

رئندي رئندي ڪلي وِهو تا،
آخر هي سڀ ڇا هي دوست؟

تورا لاهڻ لئہ نہ ڪبا هن،
پو يي هُو ڇو لاهي دوست؟

غرض بنان ڇو ڪو بہ نہ ڪنهن ڪي،
هن جڳ ۾ تو ڇاهي دوست؟

سو ڪيئن سڏبو عاشق جڳ ۾،
سينو جو تو ساهي دوست؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❐

روئي رات وهائي ڇڏيم،
دل ۾ درد لڪائي ڇڏيم.

چاهت جي حد خودڪشي آ،
پوءِ بہ پاڻ جياري ڇڏيم.

دل ۾ درد هزارين دکيا،
پو بہ من مهڪائي ڇڏيم.

آسن جي لاشن کي سائين،
ڪفن بنان دفنائي ڇڏيم.

توکي "ظفر" ساڻ ڏسي،
پنهنجو منهن ڦيرائي ڇڏيم.

تو تہ ڇيو هو...

❐

رات جيڏي رتل،
ڏينهن تيڏو تتل.

گهاٽي جهڙ جي پنيان،
سج آهي لڪل!

رات ڪان آءٌ جڙ،
چنڊ گرهڻ وتل.

آءٌ جاڳان پيو،
تون اڃان پيي ستل.

ڪنهن نہ ڪنهن ڳوٺ ۾،
هوندو ميڙو متل.

□

اسان جا نوجوان ذهن،
جڻ تہ الغوزي جي ڏن.

ڏور ڳائي پيو تو کو،
وطن ڪفن، وطن ڪفن.

جنگ،   امن درميان
جنگ   ڪٿندو امن!

ڏور جا شاعرو ٻڌو،
سنڌ آ منهنجو وطن.

تنهنجو پيو کو چمن،
منهنجو تون آن چمن!

ذرتيءَ سرتيءَ رت ڳهريو،
رهي نہ سگهيس آءٌ الا!

رات اويلو ياد اچي وئينءَ،
چميم تنهنجو نانءُ الا.

ڳيرن جي هن وستيءَ ۾،
هو ڏس ڪارو ڪانءُ الا.

مرڪ جو مون آ مک چميو،
پريم پيو ڪو ڏانءُ الا.

ماڻهوءَ ۽ بندوق جو هٽڙي،
رات ٿيو وهانءُ الا!

تو نہ چيو هو...

□

ڏينهن گذري نہ ٿو،
رات نبري نہ ٿي.

اڄ الائي ڇو؟
سوچ نکري نہ ٿي.

رات سندر اھا،
اڄ بہ وسري نہ ٿي.

تون جو ناھين تہ ھيءَ،
حيات نسري نہ ٿي.

ھاڻ تہ دل منجھان،
ڪوتا اسري نہ ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

□

مون جيون جوت جياري آ،
۽ رت سان ڏياتي ٻاري آ.

هيءَ ٿامي جهڙي پونءِ تتل،
مون پنهنجي رت سان ٺاري آ.

آ مرڻو هر ڪنهن ماڻهوءَ کي،
مون جندڙي پنهنجي واري آ.

سو منصور بہ ڪهڙو سڏبو؟
جنهن کي جان پياري آ.

ديس جو دشمن جو ٿيندو،
ان لئہ ڪاري واري آ.

هن ڳوڙها ڳاڙيا پئي شايد،
ڪنهن هن جي دل آزاري آ.

تو نہ ڇيو هو...

□

جاڳي ڪري جو جاڪوڙ،
منزل رسندو سوئي توڙ.

هوندو آهين جيسين گڏ،
ڪنهن جي هوندي ڪانهي لوڙ.

رشتو آ، ڪو تيوب نہ آهہ،
سوليشن سان لڳي نہ جوڙ.

حل مسئلو تڏهن تئي تو،
جڏهن ڪجي تي ذهن ولوڙ.

ماڻهو ڪو ڪو آهي ماڻهو،
هونءَ تہ ماڻهو ماڻهو ڪروڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❐

ظفر! ڪنهن لئہ تڙپين ٿو تون،
جا لئہ تي ويو آنهہ اداس!

پتڪڻ مان ڪجهہ ملندو ناهي،
پوءِ ڇو پيو پتڪين بنواس.

وانءُ ڪي آهي رنگ ڏنل،
هيءَ تہ ناهي ڪائي ڏاس.

ماڪيءَ جي منڊ ناهہ پيارا،
شيشي ۾ آ رجيل ڇاس.

آس اها جا ٿئي نہ پوري،
پيار ڪي ڪين بنائج آس.

□

گهر تہ گهران جي چوٽيءَ موجب،
پيار جي مالها تڪڙي سور.

توبن منڙا آهيان ايئن،
لانوڻءَ بن جڻ ڪائي ڏور.

چارڻ جو چنگ چري پيو تو،
يڪتاري جي تار بہ چور.

باقي تورو پنڌ! اتئي،
ناهہ زمانو توکان زور.

منهنجي دل جڻ رانديڪو،
اچليندين تي ويندي پور.

تو تہ جيو هو...

باھہ، باھہ،
رات، رات.

ڏينهن، ڏينهن،
ڏات، ڏات.

تون، تون!
تات، تات.

چَپَ چُپ،
چُپ چِپاتً.

پڙهيئي ڪرتا،
لنويئي، لات.

❑

هانءَ ويل هوتا،
پاڻيءَ قوتا.

منهن جا منڙا،
دل جا کوٽا.

وات قاتوڙا،
وهه جا لوٽا.

سنهڙا سيپڪ،
موٽا موٽا.

لفظ نہ ها سي،
پر ها سوٽا.

لهر نانگ جي،
چيلهه تي چوٽا.

❐

ايڏو ڪنن آ جيون جو دوستو،
هتي روئجي به تو ته گناهن وانگر.

ڊائريءَ جو هر ورق تڪي تو مُنکي،
اجنبي تنهنجي نگاهن وانگي.

ياد ڇيڙيو آ سجي رات مون کي،
ڪنهن پريتما جي ادائن وانگي.

ڏنڊلو تو ٿئي هاڻ ته تنهنجو چهرو پيي،
آءُ ڪجهه ياد جفائن وانگي.

سوريءَ تي به تنهنجي مُک تي مرڪ،
هنن جا ٿهڪ پيي دلالن وانگي.

پيار کي پيار سمجهي پيار ڪجي،
ڏجي سچ سان ساٿ وفائن وانگي.

اوڇتو توکي جو سپني ۾ پسيم،
ڀهڪي پيس دوست ٿوابن وانگي.

□

اڇو تہ روئون، رڙون ۽ دانهون ڪيون ايتريون،
جو ننڊ ۾ ستل هي لوڪ، سمورو بہ جاڳي پوي،
اڇو تہ پڪارون ڪيون زندگين جيتريون،
اڇو تہ روئون، رڙون ۽ دانهون ڪيون ايتريون.

منن ۾ هجن جيتريون، آهون اڳهامن تيتريون،
"مجبور جي پاسي آهيان مان" هر ڪو ائين چوي،
اڇو تہ روئون، رڙون ۽ دانهون ڪيون ايتريون،
جو ننڊ ۾ ستل هي لوڪ، سمورو بہ جاڳي پوي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ننڊ گوريون ڪائي سمهڻ وارا سنگتيو!
رات ڳهي نہ وڃي مقصدن کي، جاڳو!
سچ ۽ ڪوڙ کي نہ سمجهڻ وارا سنگتيو!
ننڊ گوريون ڪائي، سمهڻ وارا سنگتيو.

سامهون سوري ڏسي سهمڻ وارا سنگتيو!
هيمونءُ جهڙو هانءُ توهان وٽ بہ آ ساڳيو،
ننڊ گوريون ڪائي سمهڻ وارا سنگتيو!
رات ڳهي نہ وڃي مقصدن کي، جاڳو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

□

توکي ڪهڙي ڪلَ! هيءَ سوچ بہ آ آلاپ ڪندي؟
سنڌ تي وئي جي سبز تہ پو هر رات بہ جڳمڳائيندي،
سرندي تار ڇڙي پئي جي، مڌر ڪوئي ورلاپ ڪندي،
توکي ڪهڙي ڪلَ! هيءَ سوچ بہ آ آلاپ ڪندي؟

ڏات ، جذبات ۽ رات، لات بہ آ ميلاپ ڪندي،
پوءِ هر رُت بہ نچڻيءَ وانگر نچندي جهومندي ڳائيندي،
توکي ڪهڙي ڪلَ! هيءَ سوچ بہ آ آلاپ ڪندي؟
سنڌ تي وئي جي سبز تہ پو هر رات بہ جڳمڳائيندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❒

آ تہ ظفر يار! هاڻ دلاسن تي جيون،
ائين ڪيستائين وياڪل جيئنداسين،
دکن ۽ غمن جي جنازن کي دفنائي ڇڏيون،
آ تہ ظفر يار! هاڻ دلاسن تي جيون.

آ تہ غمن، صدمن کي شراب سمجهي پيون،
ائين وسڪي بہ ڪيستائين نيٺ پيئنداسين،
آ تہ ظفر يار! هاڻ دلاسن تي جيون،
ائين ڪيستائين وياڪل جيئنداسين.

❐

هي ديس ڇڏي، ويس مٽي، پاڻ هليا ويندا سين،
پو وڇوڙي جو گيت ڳائي ڪوئي يا نہ ڳائي،
اسان هي ياڳ ڇڏي ماڳ ڇڏي، ڪجهہ بہ ڪو نہ نينداسين،
هي ديس ڇڏي، ويس مٽي، پاڻ هليا ويندا سين.

گيت ۽ ميت، سر، سنگيت سيئي سنڌ کي ئي ڏينداسين،
پو ڳالهيون اسان جون ڳل ڪوئي لائي نہ لائي،
هي ديس ڇڏي، ويس مٽي، پاڻ هليا ويندا سين،
پو وڇوڙي جو گيت ڳائي ڪوئي يا نہ ڳائي.

□

۽ هي جو دُود! دکيو آ، سو مچ مچندو نيٺ،
جنهن ۾ ذهن ۽ ضمير تنهنجو رک، ٿيندو،
۽ هي جو چاڪ، چڪيو آ، سو ڦٽ پچندو نيٺ،
۽ هي جو دُود! دکيو آ، سو مچ مچندو نيٺ.

شفق لالائيءَ منجهان، لال رنگ رچندو نيٺ،
ها! صبح ٿيندو، ضرور ٿيندو، پڪ! پڪ! ٿيندو!
۽ هي جو دُود! دکيو آ، سو مچ مچندو نيٺ،
جنهن ۾ ذهن ۽ ضمير تنهنجو رکَ، ٿيندو.

تو نہ تھا تو ہم...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

□

هي وقت نہ آهي ويھڻ جو، او جوڳي! بين وڄاءِ،
ڪو اهڙو گيت ٻڌاءِ، جو هيءَ ڌرتي جاڳي پئي،
پريتم، نياڻي، امڙ سنڌ جو، سورهيہ، ننگ بچاءِ،
هي وقت نہ آهي ويھڻ جو، او جوڳي! بين وڄاءِ.

اوندھ ۾ مشعل ڪٽي، پنِڪيل کي دڳ لاءِ،
ساگر ڇولين وچ ۾ جيئڻ ڪو! ٻڏندڙ تياڳي پئي،
هي وقت نہ آهي ويھڻ جو، او جوڳي! بين وڄاءِ،
ڪو اهڙو گيت ٻڌاءِ، جو هيءَ ڌرتي جاڳي پئي.

تو تہ جيو ھو...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريم، سندرتا ۽ سچ! آهہ عظيم،
تون مج نہ مج هيءَ آهي حقيقت،
ڪوڙ، سورج مکي ۽ چنڊ ناهہ عظيم،
پريم، سندرتا ۽ سچ! آهہ عظيم.

گيت، سنگيت، ميت، نہ تہ ڇاهہ عظيم؟
توکي تيو آ ڇا؟ ڪاڏي وئي آ تنهنجي مت،
پريم، سندرتا ۽ سچ! آهہ عظيم،
تون مج نہ مج هيءَ آهي حقيقت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❐

منهنجي مون ئي ڏي واڌائي،
پنهنجي سالگره جي ڏڻ تي،
تنهنجي ڄڻ مون کي واڌائي،
منهنجي مون ئي ڏي واڌائي.

”تنهنجو من!“ تو چئي واڌائي،
منهنجي سالگره جي ڏڻ تي،
منهنجي مون ئي ڏي واڌائي،
پنهنجي سالگره جي ڏڻ تي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❐

پيگ پيگ جو ٽڪراءُ، مئڪشي نہ ڪپي،
جيون ها جيون! تو گهرجي اسان کي،
نوٽ جي اڳيان نمڻ بندگي نہ ڪپي،
پيگ پيگ جو ٽڪراءُ مئڪشي نہ ڪپي،

ڪنڌ جهڪائي هلڻ! زندگي نہ ڪپي،
موت يا امن! تو گهرجي اسان کي،
پيگ پيگ جو ٽڪراءُ، مئڪشي نہ ڪپي،
جيون، ها جيون! تو گهرجي اسان کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

□

تو تہ چيو هو جيون پل پل گڏ رهنداسين،
پر هي اوچتو وڇوڙي جو واءُ ڪهڙو گهليو؟
تو تہ چيو هو گڏ جيئنداسين گڏ مرنداسين،
تو تہ چيو هو جيون پل پل گڏ رهنداسين.

تو تہ چيو هو مرڪ ڪٽورا گڏ پيئنداسين،
زهر پيالن جو چو آ وري هيءُ هُل هليو؟
تو تہ چيو هو جيون پل پل گڏ رهنداسين،
پر هي اوچتو وڇوڙي جو واءُ ڪهڙو گهليو.

تو تہ چيو هو...

کيڏي بالي ڀولي آهين، خوابن ۾ ڀي ڇيڙين ٿي،
سپنن ۽ ساييائن ۾ فرق ڇا آهه رهايو تو؟
مرڪي مرڪي من آڱنڌ تان سهڻا موتي ميڙين ٿي،
کيڏي بالي ڀولي آهين، خوابن ۾ ڀي ڇيڙين ٿي.

”دل- گلشن“ جون مکڙيون، مرڪ ڪرڻن سان ٽيڙين ٿي،
خزان ۾ ٻہ بهار ڪي، ترسڻ لئہ آ سرجايو تو،
کيڏي بالي ڀولي آهين، خوابن ۾ ڀي ڇيڙين ٿي،
سپنن ۽ ساييائن ۾ فرق ڇا آهه رهايو تو؟

□

زندگيءَ جا پويان بہ ايڏا ڪنن ناهن هوندا.
جيڏا ڏکيا هوندا آهن، تنهنجي وڇوڙي لمحا.
پل تو سوا هي پل! نيٺ ڇا هن هوندا؟
زندگيءَ جا پويان بہ ايڏا ڪنن ناهن هوندا.

”تون مان ۽ روڊ!“ ڪيڏا نہ سٺا هن هوندا.
ڄڻ منظور جو آواز. پٺائيءَ ڪافي، وهوا وهوا.
زندگيءَ جا پويان بہ ايڏا ڪنن ناهن هوندا.
جيڏا ڏکيا هوندا آهن، تنهنجي وڇوڙي لمحا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❒

زندگي هونءَ بہ گذري پئي ۽ هيئن بہ پئي تي گذري،
جا توسان گذرندي زندگي! سا ڪيڏي نہ سندر هوندي،
تنهنجو منهنجو تصوراتي مستقبل بہ يلا ڪيئن وسري؟
زندگي هونءَ بہ گذري پئي ۽ هيئن بہ پئي تي گذري.

راتيون ڏينهن تين تا ۽ ياد پوءِ بہ نہ تي نبري،
۽ هر صبح جو پيلا گل تي ڏئي در تي پيل ڪوندي،
زندگي هونءَ بہ گذري پئي ۽ هيئن بہ پئي تي گذري،
جا توسان گذرندي زندگي! سا ڪيڏي نہ سندر هوندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❒

ڪو بہ نہ تحفو ڏئي سگھان تو تنهنجي سالگرهہ جي ڏڻ تي،
دل چاهي ٿي سڀ ڪجهہ ڏيان پر هٿ بہ نہ آهي وس بہ نہ آهي،
ميت ڪي هڪڙو گيت ڏيان تو تنهنجي سالگرهہ جي ڏڻ تي،
ڪو بہ نہ تحفو ڏئي سگھان تو تنهنجي سالگرهہ جي ڏڻ تي.

تصور ۾ چپ، ترُ، ڳل، وار چمان تو تنهنجي سالگرهہ جي ڏڻ تي،
رت سان تنهنجو چتر ٺو ناهيان، رنگ جي ناهي! پوءِ ڇا هي؟
ڪو بہ نہ تحفو ڏئي سگھان تو تنهنجي سالگرهہ جي ڏڻ تي،
دل چاهي ٿي سڀ ڪجهہ ڏيان پر هٿ بہ نہ آهي وس بہ نہ آهي.

□

هي پيلا پيلا پن! ۽ تنهنجون زرد اکيون،
پره لالائي تي ٻڏائي تہ رات ڪيڏو رنو آهين!
مسڪراهٽون بہ تنهنجون درد گهرا درد ٻکيون،
هي پيلا پيلا پن! ۽ تنهنجون زرد اکيون.

غم لوڪ ساري جا پنهنجي من ۾ رکيون،
اڪيلي ۾ پنهنجو پاڻ ڪان تہ نہ ڏنو آهين؟
هي پيلا پيلا پن! ۽ تنهنجون زرد اکيون،
پره لالائي تي ٻڏائي تہ رات ڪيڏو رنو آهين!

❒

پنهنجون لکڻيون بہ اريبم توکي ۽ پنهنجو جيون پيي،
هاڻ پـُلاٽڻ بہ جي چاهين تہ پلاٽي ڇڏجان،
ڳوڙها بہ نہ ڳاڙيندس، تنهنجي چوڻ تي ڇڏيندس پي،
پنهنجون لکڻيون بہ اريبم توکي ۽ پنهنجو جيون پيي.

جي! جي تي سگهين اڪيلي مون بن تہ پلي،
بيڊ روم مان فوٽو بہ ڦاڙي ۽ اڇلائي ڇڏجان،
پنهنجون لکڻيون بہ اريبم توکي ۽ پنهنجو جيون پيي،
هاڻ پـُلاٽڻ بہ جي چاهين تہ پلاٽي ڇڏجان.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

□

مٺا بنان مان تہ ڪيئن بہ ڪري جي ويندس،
سوچيان ٿو مٺا ڪدي جو حال ڇا ٿيندو؟
آب حيات بدران مان تہ "هلا هل" بہ پي ويندس،
مٺا بنان مان تہ ڪيئن بہ ڪري جي ويندس.

هوريان هوريان، مان بہ تہ سکي ويندس،
سدائين غم بہ نہ رهندو، نيٺ تہ هليو ويندو،
مٺا بنان مان تہ ڪيئن بہ ڪري جي ويندس،
سوچيان ٿو مٺا ڪدي جو حال ڇا ٿيندو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آ تصور جي جهوليءَ هن منجهه ليٽي پئون،
۽ سپنن هندورن ۾ جهولا جهلون،
”مذم تي براه ڪرم“ روشنيءَ کي چئون،
آ تصور جي جهوليءَ هن منجهه ليٽي پئون.

آ ”پريم“ جي چئن ئي حرفن کي چمئون،
۽ پسون پاڻ عملي سيئي توڪلون،
آ تصور جي جهوليءَ هن منجهه ليٽي پئون،
۽ سپنن هندورن ۾ جهولا جهلون.

هن موڊ ۾ اچي ڪو، مون سان ملي او لوڪو!
من درد ڪجھ گھٽائي يا درد ڪجھ وڌائي،
جيئن دل جو آس گلڙو، مرڪي پوير پو ڪو!
هن موڊ ۾ اچي ڪو، مون سان ملي او لوڪو!

شاھ جھڙو شاعر تو ڏيھ ۾ ڏنو ڪو؟
جو سنڌ جي سرهائي سدا لئه تو چاهي،
هن موڊ ۾ اچي ڪو، مون سان ملي او لوڪو!
من درد ڪجھ گھٽائي يا درد ڪجھ وڌائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

□

سچ تہ تنهنجي ياد ٻيي ساٿيءَ جان سنگ ڏئي تي پئي،
ھھڙي اداس ھاسٽل جي پريشان ھن ڪمري ۾ بہ!
سکٽي نلهي منهنجي اسڪيچ ۾ رنگ ڏئي تي پئي،
سچ تہ تنهنجي ياد ٻيي ساٿيءَ جان سنگ ڏئي تي پئي.

ھر اداسيءَ جي اڱيان ور ڪري ونگ ڏئي تي پئي،
تنهنجي مرڪ اياري تي مرڪ! منهنجي ھن چهري ۾ بہ،
سچ تہ تنهنجي ياد ٻيي ساٿيءَ جان سنگ ڏئي تي پئي،
ھھڙي اداس ھاسٽل جي پريشان ھن ڪمري ۾ بہ!

□

الائي ڇو ھي مون ڪان سيئي گيت وڇڙيا ٽا وڃن،
رب امانَ! وري الائي ڇا ھيل ٻہ تيڻ وارو آ،
الائي ڇو ھي مون ڪان سيئي ميت وڇڙيا ٽا وڃن،
الائي ڇو ھي مون ڪان سيئي گيت وڇڙيا ٽا وڃن.

نہ ڄاڻ ڇو ھي سر ۾ سڀ سنگيت وڇڙيا ٽا وڃن،
ڇا پريمي ڪو پريتما ڪان وڇڙڻ وارو آ،
الائي ڇو ھي مون ڪان سيئي گيت وڇڙيا ٽا وڃن،
رب امانَ! وري الائي ڇا ھيل ٻہ تيڻ وارو آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن به ساهه منجهندو آ، دري کولي ڇڏيندو هان،
بند ڪمري جي گهٽ ۾ سرهائي مهڪي پوندي آ،
تون مون کي سنڌ جي نقشي جان حسين لڳندي آن،
جڏهن به ساهه منجهندو آ، دري کولي ڇڏيندو هان.

گيت ڪي، ميت ڪي، سنگيت ڪي سڏيندو هان،
نراس ۽ اداس رات به ڇهڪي ۽ ٻهڪي پوندي آ،
جڏهن به ساهه منجهندو آ، دري کولي ڇڏيندو هان،
بند ڪمري جي گهٽ ۾ سرهائي مهڪي پوندي آ.

ريٽي رنگ کي "پرزم" مان اچ هڪڙي ليڪ ٽوڙيو،
ڪاري ڏارا اڏري وئي ۽ سائي ڏارا پڪڙي،
نراس من کي، اداس من کي، هن آخر نه نهوڙيو،
ريٽي رنگ کي "پرزم" مان اچ هڪڙي ليڪ ٽوڙيو.

ڌرتيءَ جي گولي تي آخر سفيد جهنڊو کوڙيو،
رئندي رئندي مرڪي پئي ماڻهن جي هر اکڙي،
ريٽي رنگ کي "پرزم" مان اچ هڪڙي ليڪ ٽوڙيو،
ڪاري ڏارا اڏري وئي ۽ سائي ڏارا پڪڙي.

نندَ ڪرڻ ڏي، ڇڏ مون کي، ڇڏين نہ تو راتوڪي رات،
سپني ۾ ڪيس پسان پوءِ وري اڄ جهڙي رات اچي نہ اچي،
اماس رات کي پيي پايان٠اڄ ها پانيان اڄ چاندوڪي رات،
نندَ ڪرڻ ڏي، ڇڏ مون کي، ڇڏين نہ تو راتوڪي رات.

اڄ مَنکي فيصلو آ ڪرڻو تہ هي ڏينهن آ ماندو ڪي رات!؟
جيون ۾ اڄ پڇاڻان ڪائي اهڙي رات! اچي نہ اچي،
نندَ ڪرڻ ڏي، ڇڏ مون کي، ڇڏين نہ تو راتوڪي رات،
سپني ۾ ڪيس پسان پوءِ وري اڄ جهڙي رات اچي نہ اچي.

بڌ! شعر پيلا اڄ ڇو منکان جڙي نہ ٿو،
ڇا تون منکان رسي وئي آن ڇا، هان؟!
من هيءُ من آ جو پوءِ بہ مڙي نہ ٿو،
بڌ! شعر پيلا اڄ ڇو منکان جڙي نہ ٿو.

چنگ پي ڇري نہ ٿو ۽ ساز بہ ڇڙي نہ ٿو،
او تار تون ٽٽي وئي آن ڇو، هان؟
بڌ! شعر پيلا اڄ ڇو منکان جڙي نہ ٿو.
ڇا تون منکان رسي وئي آن ڇا، هان؟!

□

مان جڏهن ڏيهہ ڇڏي، ڏينهن ڇڏي، رات نئينءَ ڏانهن وڃان،
پو وٺئي، ياد ڪجان يا وٺئي تہ دل تان پنهنجي مون کي ڏتاري ڇڏجان،
مان جڏهن نانءُ ڇڏي، ڏانءُ ڇڏي، ڏات نئينءَ ڏانهن وڃان،
مان جڏهن ڏيهہ ڇڏي، ڏينهن ڇڏي، رات نئينءَ ڏانهن وڃان.

مان جڏهن ميت ڇڏي، گيت ڇڏي، لات نئينءَ ڏانهن وڃان،
پو رڳو هڪ دفعو ئي مون کي پڪاري ۽ پوءِ پل تہ وساري ڇڏجان!
مان جڏهن ڏيهہ ڇڏي، ڏينهن ڇڏي، رات نئينءَ ڏانهن وڃان،
پو وٺئي، ياد ڪجان يا وٺئي تہ دل تان پنهنجي مون کي ڏتاري ڇڏجان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو وري ياد اچي! مون کي جڳائي ورتو!
ٿورا! ننڊ ۾ مرڻ کان بچائي ورتئي،
سڏڪندڙ منهنجي من کي ليائي ورتو،
تو وري ياد اچي! مون کي جڳائي ورتو!

پڇرندڙ چپن کي چپن سان لڳائي ورتو،
ءِ هيءَ باهه! باهه! اجهائي ورتئي،
تو وري ياد اچي! مون کي جڳائي ورتو!
ٿورا! ننڊ ۾ مرڻ کان بچائي ورتئي.

❒

جي چئين تہ اڄ مان توکي گيت ٻڌايان، نئون ڪو،
جو ڏکيل چنتگ من مان، چمڪي سان ٻري پوي،
جيون راند ۾ هر ڪو چاهي ٿو چڪو، نہ چئونڪو.
جي چئين تہ اڄ مان توکي گيت ٻڌايان، نئون ڪو.

اناالحق جو هڻي نعرو، وڏي واڪ، وڄايون ڏئونڪو،
تہ جيئن ٻيو هر ڪوڪلو نعرو سڙي، ڳري مري پوي،
جي چئين تہ اڄ مان توکي گيت ٻڌايان، نئون ڪو،
جو ڏکيل چنتگ من مان، چمڪي سان ٻري پوي.

□

زندگي! نانءُ آ وياڪل ۽ اداس راتين جو،
جن ۾ پاڻ ٻنهي ويجهڙي جو گيت ڳاتو هو!
موت! نانءُ آ پياسي ۽ نراس راتين جو،
زندگي! نانءُ آ وياڪل ۽ اداس راتين جو.

زخمي سج پيي لڳي تو ٿياس، راتين جو،
جنهن تي پاڻ چڙهي ۽ ڪفن ٻه پاتو هو.
زندگي! نانءُ آ وياڪل ۽ اداس راتين جو.
جن ۾ پاڻ ٻنهي ويجهڙي جو گيت ڳاتو هو!

آ تہ جيءَ پل مليا آهيون سي پل کلي تہ وڻون،
پوءِ وري ملڻ ٿئي نہ ٿئي ۽ کلڻ بہ ٿئي نہ ٿئي،
هوا جو گهلي آ تہ هنن گلن جيان ٽلي تہ وڻون،
آ تہ جي پل مليا آهيون سي پل کلي تہ وڻون.

مُکن کي ساھ جيان اوڏو ڪري ملي تہ وڻون،
وري هوا گهلي نہ گهلي، ملڻ جلڻ بہ ٿئي نہ ٿئي،
آ تہ جي پل مليا آهيون سي پل کلي تہ وڻون
پوءِ وري ملڻ ٿئي نہ ٿئي ۽ کلڻ بہ ٿئي نہ ٿئي.

❐

ٻانهون ڦهلائي آءُ تہ ٻيئي هڪ وجون ٿي،
چپ چپن سان ملائي هڪ ٻئي ڪٽمنڙو چوسيون،
نيڻن مان ڇلڪندڙ هيءَ وسڪي ڇڏيون پي،
ٻانهون ڦهلائي آءُ تہ ٻيئي هڪ وجون ٿي.

ڪيڏي نہ پياري ۽ مٺي آ، هيءَ مئڪشي،
چپ ڳلن تي ذري هڪ ٻئي جو مڪڙو چوسيون،
ٻانهون ڦهلائي آءُ تہ ٻيئي هڪ وجون ٿي،
چپ چپن سان ملائي هڪ ٻئي ڪٽمنڙو چوسيون.

تو تہ ڇيو هو...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❐

ـڏ ٽي ڇٺي تہ پيڪ ڇپن جا اڄ! ٽڪرايون،
من- آڱنڌ تي پريم جو ٻوٽو ڪوئي پوکيون،
اڄ مدهوش ٿي نيڻ پيالن کي ڇلڪايون،
دل ٽي ڇٺي تہ پيڪ ڇپن جا اڄ! ٽڪرايون.

ساهن جي سهڪي مان مڌر گيت ڪي ڳايون،
ڇنگ ڇاهہ جا ڇوري، سنگيت سان پاڻ موکيون!
دل ٽي ڇٺي تہ پيڪ ڇپن جا اڄ! ٽڪرايون،
من- آڱنڌ تي پريم جو ٻوٽو ڪوئي پوکيون.

□

تون مرڪ ڪٿي، جهٽ پل ئي صحيح،
تنهنجي مرڪڻ سان مکڙيون تہ ٽڙن!
تون ٻڌيو مون لئہ آنهہ مسيح،
تون مرڪ ڪٿي، جهٽ پل ئي صحيح.

نئين ڪربل جو ميدان وسيع،
جهٽ! ڏس تہ ڪٿي، من ڦٽ ڇٽن،
تون مرڪ ڪٿي، جهٽ پل ئي صحيح،
تنهنجي مرڪڻ سان مکڙيون تہ ٽڙن!

تو - حو هو...

ڳنڍين منجهه نه اُن ڪٿا ۾ گيتن ۾ نه سنگيت،
ٺڪ جتي هُئي پوکي هاريءَ تتي ٿي آ ڏٺڪ،
رشتن جو واپار هتي آ ڪو به نه ڪنهن جو ميتُ،
ڳنڍين منجهه نه اُن ڪٿا ۾ گيتن ۾ نه سنگيت.

پاتالن مان پڙاڏو ٻڌجي ٻڌجي پيو هيءَ گيت،
ڄاتل ڄاتل منهنجو ٿي آ ائين لڳي ٿو ڄٽڪ،
ڳنڍين منجهه نه اُن ڪٿا ۾ گيتن ۾ نه سنگيت،
ٺڪ جتي هُئي پوکي هاريءَ تتي ٿي آ ڏٺڪ.

❒

يڪتاري جي تار سُري ۽ راڳو تارن ڳايو،
اڄ ايندو، منهنجو ڍول پرين! پڪ ايندو!!
وصل جي ميندي ويوڳ هٿن تي لايو، ساٿ نڀايو،
يڪتاري جي تار سُري ۽ راڳو تارن ڳايو.

منهنجي ڪارڻ پو پيي جيڏيون! ڏاگهه جي سيج سجايو،
ڇو جو هڪ پل، هو ايندو ۽ ٻئي پل مرئي ويندو،
يڪتاري جي تار سُري ۽ راڳو تارن ڳايو،
اڄ ايندو، منهنجو ڍول پرين! پڪ ايندو!!

تو تہ جہز هو...

❑

رمر جهمر بوندا، باندي،
اندلٺ آمد ساڪَ!
ڪيڏي آئون ماندي،
رمر جهمر بوندا باندي.

هيرن خوشبو آندي،
رسجي ويئي لاڪ!
رمر جهمر بوندا باندي،
اندلٺ آمد ساڪَ!

هاڻ تہ جانان! تون ٻي مون کان ڏور هلي وئي آهين،
هاڻ تہ جانان شهر هي تنهنجو غير لڳي ٿو ڇڻ تہ.
بهار رت ٻي ساڻ کڻي ڇاڪاڻ الي وئي آهين
هاڻ تہ جانان! تون ٻي مون کان ڏور هلي وئي آهين.

پنهنجي گهر جو در نہ لڌو مون! جيئن رُسي وئي آهين،
ماڻهوءَ ماڻهوءَ من م ساڻئ: مير لڳي ٿو ڇڻ تہ،
هاڻ تہ جانان! تون ٻي مون کان ڏور هلي وئي آهين،
هاڻ تہ جانان شهر هي تنهنجو غير لڳي ٿو ڇڻ تہ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

□

آشائون هي بادل ٻڌجي، جند اڱڻ تي برسيون،
جذبا ُمن جي نوٽ زمين تي اپريا ڪنيين وانگيان،
گهايل گهايل ديدون منهنجون تنهنجي ڪارڻ ترسيون،
آشائون هي بادل ٻڌجي، جند اڱڻ تي برسيون.

ساجن! ساڻ سلهاڙي، سپ! تيون سير سوا سرسيون،
تو لاءِ ويني تڪيان آئون، تولاءِ ويني تانگهيان،
آشائون هي بادل ٻڌجي، جند اڱڻ تي برسيون،
جذبا من جي نوٽ زمين تي اپريا ڪنيين وانگيان.

نيل گگن مان ڪارا ڀورا بادل! ٽپ ٽپ برسي پيا،
هيل بہ ساوڻ رت آئي آ، وياڪلتائن جي سنگ سنگ،
مڌ-پيالا، نيڻ -پيالا ڇلڪي ڇلڪي ترسي پيا،
نيل گگن مان ڪارا ڀورا بادل! ٽپ ٽپ برسي پيا.

ڇَپ ڇَپ تي مرڪون آهن پيارا پاڻ ۾ ڀرڄي پيا،
اڃان نہ آئين تون او جاني! ڀُلجي وئين ڇا نينهن نسنگ،
نيل گگن مان ڪارا ڀورا بادل! ٽپ ٽپ برسي پيا،
هيل بہ ساوڻ رت آئي آ، وياڪلتائن جي سنگ سنگ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جيوت ۾ او دوست منا! ڪو جيئندو آ ڪو مرندو آ،
ڪو جيئرو مئو پيو هوندو آ، ڪو مئل بہ جيئرو هوندو آ،
ڪو امرت ڏارا پيئندو آ، ڪو ڳوڙها پنهنجا پيئندو آ،
هن جيوت ۾ او دوست منا! ڪو جيئندو آ ڪو مرندو آ.

ڪو پنهنجن جو رت پيئندو آ ۽ ڇائي منهن ۾ وجهندو آ،
ڪو پنهنجو رت ڌرتيءَ کي ڏئي ۽ نيٺ امر ٿي ويندو آ،
هن جيوت ۾ او دوست منا! ڪو جيئندو آ ڪو مرندو آ،
ڪو جيئرو مئو پيو هوندو آ، ڪو مئل بہ جيئرو هوندو آ.

❐

نہ ڇيڙيو نہ ڇيڙيو، اسان کي نہ ڇيڙيو،
هي الفت جو قصو، اڌورو رهڻ ڏيو!
هي ڪندا ڪي ميڙيو ۽ گلڙا پڪيڙيو،
نہ ڇيڙيو نہ ڇيڙيو، اسان کي نہ ڇيڙيو.

اسان کي ڇڏي هن! ڌرتيءَ کي ڪيڙيو،
اسان کي مرڻ ڏيو، اسان کي جيئڻ ڏيو،
نہ ڇيڙيو نہ ڇيڙيو، اسان کي نہ ڇيڙيو،
هي الفت جو قصو، اڌورو رهڻ ڏيو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جي چڙياسين، نہ ڪا راهہ رهندي نہ ڪو رند رهندو،
امنگن جي خاطر، نوان پيچرا ۽ نوان گهيڙ جڙندا،
۽ جذبن جي آڏو نہ ڪو ڪوٽ رهندو نہ ڪو بند رهندو،
اسان جي چڙياسين، نہ ڪا راهہ رهندي نہ ڪو رند رهندو.

ستل شينهن اٿندو ڏڙن تي نہ ڪو ڪنڌ رهندو،
پلئہ هي اسان جا پراڻا نہ ٽيندا هي جوڏا نہ مڙندا،
اسان جي چڙياسين، نہ ڪا راهہ رهندي نہ ڪو رند رهندو،
امنگن جي خاطر، نوان پيچرا ۽ نوان گهيڙ جڙندا.

تو تہ جيو هو...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❐

تون جو ناهين تہ هي من پوڳنائون،
پير جي ڪندي جيان چُڀن پيون تيون،
هيرون بہ لڳن تيون لڪون، گرم هوائون،
تون جو ناهين تہ هي من پوڳنائون.

لوڪَ وفائون بہ لڳن تيون تہ جفائون،
سڀ مُرڪون هيئين منجهہ هُرن پيون تيون،
تون جو ناهين تہ هي من پوڳنائون،
پير جي ڪندي جيان چڀن پيون تيون.

❐

نہ منيو ڪڏهن ۽ نہ منجي سگھيو آ،
چون ٿا تہ ظفر جو هڪ هڪ عزم!
نہ ڪٿيو ڪڏهن ۽ نہ ڪٿجي سگھيو آ،
نہ منيو ڪڏهن ۽ نہ منجي سگھيو آ،

نہ لَٽيو ڪڏهن ۽ نہ لَٽجي سگھيو آ،
سچل، سچ ۽ سونهن جو هي پرم،
نہ منيو ڪڏهن ۽ نہ منجي سگھيو آ،
چون ٿا تہ ظفر جو هڪ هڪ عزم!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

□

چوڏاري طوفان اڇي جي،
ٻيڙي ٻڏڻ کان بچندي ڪا نہ!
لهرن ۾ مانڌاڻ مچي جي،
چوڏاري طوفان اڇي جي.

هڪ هڪ باغي گيت رچي جي.
تنهنجي تڏهين هلندي ڪا نہ!
چوڏاري طوفان اڇي جي،
ٻيڙي ٻڏڻ کان بچندي ڪا نہ!

□

جڳن ڪانپوءِ اتفاق سان ملي جو ويا هيئون!
چانهن جو ڪوپ گڏجي پي، ياد ڪا تازي ڪريون!
دکن سکن جو حال- دل، هڪ ٻئي کي ڏيئي وٺون،
جڳن ڪانپوءِ اتفاق سان ملي جو ويا هيئون!

گيت ڪو ڳائي گڏجي، ياد ڪا نکوري نيئون،
مرڪي ۽ روئي گڏ، ياد ڪجهه ماضي ڪريون،
جڳن ڪانپوءِ اتفاق سان ملي جو ويا هيئون!
چانهن جو ڪوپ گڏجي پي، ياد ڪا تازي ڪريون!

هلي آ توکي اڄ ڏور جي ڏسا تي سڏي،
نہ رڳو مان ٿي پر، رات بہ آ وياڪل توبن،
هلي آ توکي اڄ منهنجي هيءَ وفا تي سڏي،
هلي آ توکي اڄ ڏور جي ڏسا تي سڏي.

منهنجي دل تي سڏي توکي اڄ صفا تي سڏي،
نہ رڳو گيت پر هيءَ ذات بہ آ وياڪل توبن!
هلي آ توکي اڄ ڏور جي ڏسا تي سڏي،
نہ رڳو مان ٿي پر، رات بہ آ وياڪل توبن.

جيئڻ لئہ جي چاوا آهن پيا تا جيئن،
اسان ٻين کي جيئارڻ جي لئہ جنم ورتو آ،
”مٽہ ڪدو-گهر“ ”اوطاق-بوتل“ پين پيا پيئن،
جيئڻ لئہ جي چاوا آهن پيا تا جيئن.

مرڪڻ لئہ جي چاوا آهن سي پيا مرڪن،
پاڻ ٻين کي مرڪائڻ لئہ جنم ورتو آ،
جيئڻ لئہ جي چاوا آهن پيا تا جيئن،
اسان ٻين کي جيئارڻ جي لئہ جنم ورتو آ.

ڪو مجي نہ مجي، روشني نيٺ ٽيڙي آ،
ڏات ۽ ڏانءَ جو سنگ رنگ نيٺ لائيندو،
”دينهن-پيڻ“ هت، رات نيٺ پيڙي آ،
ڪو مجي نہ مجي، روشني نيٺ ٽيڙي آ.

ماڪَ ماٺِ لاءِ جان پي نيٺ ڏيڙي آ،
مگڻي ۽ وهانءَ سنگ، رنگ نيٺ لائيندو،
ڪو مجي نہ مجي، روشني نيٺ ٽيڙي آ،
ڏات ۽ ڏانءَ جو سنگ رنگ نيٺ لائيندو.

□

جڏهن ٻه ياد تي اچي تنهنجي،
آرسيءَ ۾ مک ڏسي ٿو چٽيان،
مونجهه ائين گهٽايان ٿو پنهنجي،
جڏهن ٻه ياد تي اچي تنهنجي.

چاهت جڏهن ايري تي منهنجي،
پنهنجا ئي چپ مان چمي ٿو چٽيان،
جڏهن ٻه ياد تي اچي تنهنجي،
آرسيءَ ۾ مک ڏسي ٿو چٽيان.

ذات نگر جي راڻيءَ کي مون نيٺ وجي آ پرچايو،
لفظ قلم مان، ميت گهرن مان، گيت دلين مان نڪرن ٿا!
مون تہ هتان جي لوڪ سڄي مان هڪ کي آ سرچايو،
ذات نگر جي راڻيءَ کي مون نيٺ وجي آ پرچايو.

جذبا، سوچون، پيڙائون، قدمن ۾ رکيو مون سرمايو،
هار هيءَ پنهنجي جيت مجڻ سان نغما من مان نسرن ٿا.
ذات نگر جي راڻيءَ کي مون نيٺ وجي آ پرچايو،
لفظ قلم مان، ميت گهرن مان، گيت دلين مان نڪرن ٿا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❒

اڪيلو مان، هي ڪمرو ۽ ميڊيڪل جا ڪتاب،
جڻ تہ زندگيءَ کان آءٌ گهڻو ڏور، ڏور!
روز سب اسٽيج، ٽيسٽ، فائينل عذاب تي عذاب،
اڪيلو مان، هي ڪمرو ۽ ميڊيڪل جا ڪتاب.

پاڻ شاعر ماڻهو، حساس آهيون او جناب!
اسان جي پل جو واقعو بہ ڪري ٿو دل کي چور!
اڪيلو مان، هي ڪمرو ۽ ميڊيڪل جا ڪتاب،
جڻ تہ زندگيءَ کان آءٌ گهڻو ڏور، ڏور!

زندگيءَ جي لڪير پاڻ ئي ڪٽجي ويندي هڪ ڏينهن،
پو ڪوئي تہ روئي مرڪي مون کي ياد ڪندو!
بهار رت بہ خزان موسم ۾ متجي ويندي هڪ ڏينهن،
زندگيءَ جي لڪير پاڻ ئي ڪٽجي ويندي هڪ ڏينهن.

جيون راند جي ”اتي“ بہ جهپجي ويندي هڪ ڏينهن،
پو ڪو خوشيءَ مانَ نہ سهي ڪرڪي مون کي ياد ڪندو،
زندگيءَ جي لڪير پاڻ ئي ڪٽجي ويندي هڪ ڏينهن،
پو ڪوئي تہ روئي مرڪي مون کي ياد ڪندو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

□

خزان هلي آ هنن سڪل پنن کي هاڻ هٽائي ڇڏ،
باغ ۾ گونچن گلن ۽ تازن پنن جي ضرورت آ!
سڪڻ پورن ڏکهن وٽن کي مالهي! ڪٽائي ڇڏ،
خزان هلي آ هنن سڪل پنن کي هاڻ هٽائي ڇڏ.

مرجهائي ويل هنن گلن کي نينگر! هاڻ مٽائي ڇڏ،
گلدان ۾ تازن ٽڙيل توانن گلن جي ضرورت آ،
خزان هلي آ هنن سڪل پنن کي هاڻ هٽائي ڇڏ،
باغ ۾ گونچن گلن ۽ تازن پنن جي ضرورت آ!

جاني هاڻي منهنجي آڏو، لڙڪ نہ لاڙيندو ڪر،
منهنجا تو لئہ گل گلابي! ٻڌيا ڇپ رومال،
پنهنجي من جي جذبن کي تون هاڻ نہ ساڙيندو ڪر.
جاني هاڻي منهنجي آڏو، لڙڪ نہ لاڙيندو ڪر.

پڇرن ۾ آزاد پکيئڙا هاڻ نہ واڙيندو ڪر،
پنهنجي درديلي ماضيءَ کي ڇڏ ڪري پائمال،
جاني هاڻي منهنجي آڏو، لڙڪ نہ لاڙيندو ڪر،
منهنجا تو لئہ گل گلابي! ٻڌيا ڇپ رومال.

جاني مون ڪالهه رات ڏٺو هو هڪڙو پيارو خواب.
رت ۾ ريٽا ٻيئي پو پيي رسيا هئاسين ماڳ.
حيرانيءَ ۾ وهنتل سوالن جو ٻه مليو نه جواب.
جاني مون ڪالهه رات ڏٺو هو هڪڙو پيارو خواب.

ننڊ واديءَ ۾ ان سپني جو. ڪنهن کي ملي ثواب!
منهنجو هو؟ يا تنهنجو هو! يا مارڳ جو هو يا ڳ؟!
جاني مون ڪالهه رات ڏٺو هو هڪڙو پيارو خواب،
رت ۾ ريٽا ٻئي پو پيي رسيا هئاسين ماڳ.

ٻو نه ڇهو هو...

□

اي درد واسيو! اچو تہ درد کي دکايون،
هر ڏاڍ، ظلم، جبر جو ڪو ڪانڊپو ڪيئون!
ڪو انقلاب آڻيون، نئون امن جو شهر اڏايون،
اي درد واسيو! اچو تہ درد کي دکايون.

هن "بند زندگيءَ" جي نظام کي مٽايون،
رات کي رات! ۽ ڏينهن کي ڏينهن چئون!
اي درد واسيو! اچو تہ درد کي دکايون،
هر ڏاڍ، ظلم، جبر جو ڪو ڪانڊپو ڪيئون!

□

زخمي نہ ٿي پون، پنھنجون نرمل آڱريون تہ جھل،
منھنجي من ستار جون تارون ٽٽل آھن!
گيت ڪيئن ٻڌي سگھندينءَ پنھنجي دل کي پَل!
زخمي نہ ٿي پون، پنھنجون نرمل آڱريون تہ جھل.

چپ چپات ۾ نيڻن سان ٿي احوال دل پلي سل،
منھنجا ھي پياسا چپ تہ اڄ سبيل ناھن!
زخمي نہ ٿي پون، پنھنجون نرمل آڱريون تہ جھل،
منھنجي من ستار جون تارون ٽٽل آھن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

□

تو جهليو سگريٽ هاڻ مون پيئڻ ڇڏي ڏنو.
هاڻ غم کي ئي سگريٽ سمجهي پي ڇڏبو!
ائين رولاڪ بادل جيان مون رلڻ ڇڏي ڏنو،
تو جهليو سگريٽ هاڻ مون پيئڻ ڇڏي ڏنو.

تو چيو اداس ۽ وياڪل مون رهڻ ڇڏي ڏنو،
ترتيبو نه، بي ترتيبو ئي جاني! جي ڇڏبو!
تو جهليو سگريٽ هاڻ مون پيئڻ ڇڏي ڏنو،
هاڻ غم کي ئي سگريٽ سمجهي پي ڇڏبو!

زندگيءَ لاءِ پڇا نہ ٿو ڪرڻو پوي،
دمبدم ڏکڻو پوي ٿو لاٽ جيان!
لاٽ جيان جلڻو پوي، مرڻو پوي،
زندگيءَ لاءِ پڇا نہ ٿو ڪرڻو پوي.

ڪنڌ جهڪائي سر اڏيءَ ڌرڻو پوي،
رات ڏينهن سڙڻو پوي ٿو لاٽ جيان،
زندگيءَ لاءِ پڇا نہ ٿو ڪرڻو پوي،
دمبدم ڏکڻو پوي ٿو رات جيان!

ٿو تہ جهو هو...

زندگيءَ ۾ زندگيءَ جو نہ ڪو احساس!
هي جيون ڄڻ تہ پاڻيءَ جو ڪو ڦوٽو!
بندگيءَ ۾ بندگيءَ جو نہ ڪو احساس،
زندگيءَ ۾ زندگيءَ جو نہ ڪو احساس!

مئہ ڪشيءَ ۾، مئہ ڪشيءَ جو نہ ڪو احساس،
روشنيءَ ۽ اونده ۾ فرق نہ ٿو ڪري سگهو؟
زندگيءَ ۾ زندگيءَ جو نہ ڪو احساس!
هي جيون ڄڻ تہ پاڻيءَ جو ڪو ڦوٽو!

لوڪو! مون اڄ رات ڏٺو آ هڪڙو نيارو سپنو،
ٻيڙيءَ کي ساڙيندي، اُن ۾ ظفر خود سڙي ويو!
اهڙو مون نہ ڏٺو هو اڳ ۾ ڪو ڏکيارو سپنو،
لوڪو! مون اڄ رات ڏٺو آ هڪڙو نيارو سپنو.

ڪيئن ٿيو نيارو ۽ ڏکيارو پوءِ پيارو سپنو!
ظفر گم ٿي ويو، ڪمريءَ ۾ دونهون پو پکڙي ويو!
لوڪو! مون اڄ رات ڏٺو آ هڪڙو نيارو سپنو،
ٻيڙيءَ کي ساڙيندي، اُن ۾ ظفر خود سڙي ويو!

تو تہ جيو هو...

□

اڄ دکي آهيون اسين، اڄ بوتلون کولي ڇڏيو،
پيئبو، اڄ جيئبو، اڄ جهومبو، اڄ ڳائبو!!
ٻانهن، ٻانهن ۾ وجهي اڄ، خود ڇلو، ڇولي ڇڏيو،
اڄ دکي آهيون اسين، اڄ بوتلون کولي ڇڏيو.

درد پنهنجا دک دڙن ڏي اڄ وري رولي ڇڏيو،
موج ۾ ڊانس ڪبي اڄ ڳائبو، ڳارائبو!
اڄ دکي آهيون اسين، اڄ بوتلون کولي ڇڏيو.
پيئبو، اڄ جيئبو، اڄ جهومبو، اڄ ڳائبو!!

اِئش ٽري ۾ ڇو ڇاڻين ٿي، سگريٽ جو ڦلو تہ ناهيان،
مان فلٽر ئي، مون کي چپن ساڻ ملاءِ رکو!
جنهن کي چاهيو هو تو، مان تہ اهو ئي ظفر آهيان،
اِئش ٽري ۾ ڇو ڇاڻين ٿي، سگريٽ جو ڦلو تہ ناهيان.

مان وسڪي؟ مان بوتل؟ مان گلاس؟ مان چا آهيان؟
ان سان منهنجو ڇا؟ مون کي لبن ساڻ ملاءِ رکو،
اِئش ٽري ۾ ڇو ڇاڻين ٿي، سگريٽ جو ڦلو تہ ناهيان،
مان فلٽر ئي، مون کي چپن ساڻ ملاءِ رکو!

او گيت محل جي راڻي! مون وٽ "بند- پيرن" سان اچ،
"لب مصرعن" سان مرڪ تہ مان چيڙن جا جهول جهليان،
جذبن جي گهنگهرن جي پايل تون ڇمڪائيندي نچ،
او گيت محل جي راڻي! مون وٽ "بند-پيرن" سان اچ.

رڃ رات ۾ برندو تڏهين سڄ جو ڪوئي مچ!
اچ آلاپن جي ورلاپن ۾ توسان سور سليان،
او گيت محل جي راڻي! مون وٽ "بند- پيرن" سان اچ،
"لب مصرعن" سان مرڪ تہ مان چيڙن جا جهول جهليان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا جي گولڙي منجهان ڇو رت ٿو ٽمي پيو؟
ويجهو ٿي ڏسو تہ ڪهڙي ڏيهہ سان ٿيو ڏاڍ آ؟
مغرور جي اڳيان هتي مجبور ڇو نمي پيو.
دنيا جي گولڙي منجهان ڇو رت ٿو ٽمي پيو؟

انسان ڪي ٿيو آه ڇا؟ سڪن ڪي ڇو چمي پيو؟
ڇا ذات، سچ، سنڌ ۽ انسانيت مري ويا!
دنيا جي گولڙي منجهان ڇو رت ٿو ٽمي پيو.
ويجهو ٿي ڏسو تہ ڪهڙي ڏيهہ سان ٿيو ڏاڍ آ؟!

تنهنجي لاءِ نہ پنهنجي لاءِ، جيوت لاءِ اِج گيت لکيو مون،
منهنجو گيت ٻڌن لئہ ماڻهن، ڪيہ ڪنن مان ڪڍي ڇڏي،
”ٻُڪيو ماڻهو نان گهري ٿو، سکيو ماڻهو مانُ!“ لکيو مون،
تنهنجي لاءِ نہ پنهنجي لاءِ، جيوت لئہ اِج گيت لکيو مون.

پنهنجي من مان منهنجا جاني، ڪينو ڪلفت ڪڍي ڇڏيو مون،
مون سان گڏجي هر هڪ شاعر! ٻيجي ڇڏي اِج! آڏي! آڏي!
تنهنجي لاءِ نہ پنهنجي لاءِ، جيوت لاءِ اِج گيت لکيو مون،
منهنجو گيت ٻڌن لئہ ماڻهن، ڪيہ ڪنن مان ڪڍي ڇڏي.

[illegible]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جذبن جو ڪتاب ۾ لڙڪن جو ديوان تو ڳوليان،
دل مضبوط ڪري ويھ جاني! مان تو گيت چوان!
ڇاتيءَ ۾ مانڌاڻي ڦيري آءٌ تو ھانءُ ڇڇوليان،
جذبن جو ڪتاب ۾ لڙڪن جو ديوان تو ڳوليان.

پنھنجو ماڳ ۽ پنھنجي منزل ھنڌ ھنڌ پيو تو ڳوليان،
سڏڪو روڪي ٻڌ تون جاني! ”منھنجو ساجن تون آن“
جذبن جو ڪتاب ۾ لڙڪن جو ديوان تو ڳوليان،
دل مضبوط ڪري ويھ جاني! مان تو گيت چوان!

نيو ٿنڪرس فورم جون اڳيون ڇپائون

آرٽ ڪارڊس:

شگفته شاهه . صنوبر سيد. وحيده قاضيءَ جي پاڪيٽ سائيز اسڪيچ ڪارڊس جا سيٽ

گريٽنگ ڪارڊس:

پنائيءَ جي شاعريءَ تي شگفته شاهه جا ڊئگر اسڪيچ گريٽنگ ڪارڊ - **في ڪارڊ** 20 رپيا

وڊيو سي ڊي

آرٽ ان سنڌ: وحيده قاضي، شگفته شاهه. ڊاڪٽر زبيده جوتيجو ۽ انيلا ميرائيءَ جي واٽر ڪلر. لائينز / اسڪيچ ورڪ. ايمبرائڊري ۽ گلاس پينٽنگ تي مشتمل 135 پينٽنگس جي وڊيو موويءَ. **قيمت** 60 رپيا

ڪتاب:

نمبر	ڪتاب جو نالو	ليکڪ	صنف	قيمت
.1	مشعل ٻرندي رهندي	صنوبر سيد	ڪهاڻيون	ختم ٿيل
.2	شاعريءَ جون صنفون	ظفر عباسي	صنفن جو تعارف	ختم ٿيل
.3	خواب اکين جي شاعري	صنوبر سيد	نظمائو نثر	ختم ٿيل
.4	توکان ٿيندي ڏار	صنوبر سيد	ڪهاڻيون	ختم ٿيل
.5	ٽين دنيا	ظفر عباسي	ڪهاڻيون	ختم ٿيل
.6	ڪنهن ڪنهنجي نند چورائي	نسرين سيد	شاعري	ختم ٿيل
.7	رومن اسڪرپٽ سيکي ٻولين لاءِ	حليم بروهي	رومن اسڪرپٽ	75 رپيا
.8	سونهن سندو ساگر	مقبول ميمڻ	شاعري	70 رپيا
.9	اڻپورو اظهار	ثريا سرهاڻ گل	ڪهاڻيون	20 رپيا
.10	جذبن جهوريو جيءُ	ساجده جبين	ڪهاڻيون	60 رپيا
.11	مون کي هوائن ۾ ڳولجان	طارق خشڪ	ناول	80 رپيا
.12	اسان جي اکين ۾ اوهان جا حوالا	نسرين سيد	شاعري	60 رپيا
.13	نيڻ ننڊ نين	اويس قرني	شاعري	90 رپيا
.14	دلڙي توکي ساري ٿي	ثريا سرهاڻ گل	شاعري	25 رپيا
.15	ساه جي خوشبو	مشتاق بخاري	غزل / شاعري	60 رپيا
.16	خواب جاڳي پيا	نمر ناز	شاعري	100 رپيا
.17	سپنا سڏڪن پيا	مهڪ جوڳي	شاعري	80 رپيا
.18	نشان چپن جا	وشال امير	غزل / شاعر	80 رپيا
.19	منهنجي چاهتن جي منزل	ڪزبانو سندر	ناول	100 رپيا

گهٽ ۾ گهٽ پنج ڪتاب گهرائڻ تي 33 سيڪڙو رعايت ۽ ٽپال خرچ اداري جي ذمي هوندو

لکيو هن ائڊريس تي:

نيو ٿنڪرس فورم

D-4/20 نسيم نگر فيز- III قاسم آباد، حيدرآباد. فون: 0300-3094527

تو ته چيو هو ...
شاعري {غزل ۽ تراڪيل}
ظفر عباسي

NTF



پنهنجون لکڻيون بہ ارپيم توکي ۽ پنهنجو جيون ڀي،
هاڻ پـُـلائڻ بہ جي چاهين تہ ڀلائي ڇڏجان،
ڳوڙها بہ نہ ڳاڙيندس، تنهنجي چوڻ تي ڇڏيندس ڀي،
پنهنجون لکڻيون بہ ارپيم توکي ۽ پنهنجو جيون ڀي،

جي! جي تي سگهين اڪيلي مون بن تہ ڀلي،
بيڊ روم مان فوٽو بہ ڦاڙي ۽ اڇلائي ڇڏجان،
پنهنجون لکڻيون بہ ارپيم توکي ۽ پنهنجو جيون ڀي،
هاڻ پـُـلائڻ بہ جي چاهين تہ ڀلائي ڇڏجان،

NTF Graphics Cell # 0300-3094527